


# امن جا مسافر

غزل

زاهد شيخ

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ، ڪراچي سنڌ

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر


امن جا مسافر : زاهد شيخ
www.sindhsalamat,com

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"امن جا مسافر"** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب نامياري شاعر ۽ راڳي زاهد شيخ جي غزلن جو مجموعو آهي. امجد دراني مهاڳ ۾ لکي ٿو:

"زاهد شيخ سموريءَ سنڌ جي سچن ۽ بهادر ماڻهن جي اندر ۾ دل وانگر ڌڙڪندڙ شاعر رهيو آهي، هن جا گيت سنڌ جي سريلي راڳي سرمد جي آواز ذريعي سنڌ جي ٻچي ٻچي جي زبان تي سينگاريل آهن. زاهد شيخ پنهنجي سموري شعوري سگهه قوت ۽ عقل پنهنجي اڄ تي خرچ ڪيو آهي ۽ ان جي حل ڪرڻ جي جستجو ۾ قلم جي نوڪ استعمال ڪئي آهي.

ڪتاب جو هي ٽيون ڇاپو **نئون نياپو اڪيڊمي سچل ڳوٺ، ڪراچي** پاران 2018ع ۾ ڇاپيو ويو آهي. ٿورائتا آهيون **انعام سنڌيءَ** جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ ٿورا پياري **زاهد شيخ** جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**



# ارپنا

مان پنهنجو هي ڪتاب
دنيا جي سمورن امن پسند ماڻهن جي
نانءِ ڪيان ٿو.

زاهد شيخ

امن جا مسافر
شاعري
زاهد شيخ
انگ: هڪ هزار
ڇاپو ٽيون: ڊسمبر 2018ع
پاران: نئون نياپو اڪيڊمي،
سي-4، سچل ڳوٺ گلشن اقبال ڪراچي
Ph: 021_332624153, 34690389
Cell # 0333_2311582
**مُلهه: 300 رپيا**

## پنهنجي پاران

هيءَ ڪائنات ڪيئن وجود ۾ آئي، انسان ذات ڪيئن پنهنجا ارتقائي مرحله طئه ڪري موجوده صورت اختيار ڪئي اِهو ڪروڙين اربين سالن جو سفر آهي جنهن تي مختصر بحث ڪرڻ سان ڪنهن به نتيجي تي نٿو پهچي سگهجي اِهو هڪ ڊگهو ۽ نه ڪُتندڙ بحث آهي جيڪو ورهين کان هلندو پيو اچي ۽ هلندو رهندو خيال پرست پنهنجا خيال پيش ڪندا رهندا ۽ مادي پرست سائنسي تجربن جي روشنيءَ ۾ پنهنجا حقيقي سماجي ثبوت پيش ڪندا رهندا پر اِنهن نظرين جي ٽڪراءَ جي نتيجي ۾ انسانن جي ذهن ۾ جيڪو ڪٽر پڻو جنم وٺي ٿو اُن سان سماج ۾ نظرياتي ۽ مذهبي ٽڪراءَ پيدا ٿين ٿا جنهن سان انسانن جي وچ ۾ نفرتون وڌن ٿيون ۽ محبتن جا ڏڪار جنم وٺن ٿا! ماڻهو هڪ ٻئي کي مارڻ جي حد تائين پهچن ٿا انسانن جو بي ڏوهه خون وهي ٿو جنهن جو سڌوسنئون ۽ زورائتو اثر شاعرن جي دلين تي ٿئي ٿو انڊيا جي هن فلمي گيت وانگر ته:

"دنيا مين ڪتنا غم هي۔ ميرا غم ڪتنا ڪم هي
لوگون ڪا غم ديکها تو۔ مين اپنا غم ڀول گيا.

اهڙي صورتحال ۾ شاعر سماج سُڌارڪ ٻڻجي امن، پيار، محبت، سچ ۽ سونهن جا پيغام کڻي سماج ۾ سفر ڪن ٿا ۽ پنهنجي شاعريءَ ذريعي انسانن کي رنگ نسل ۽ مذهب کان تمام گهڻو مٿي وٺي وڃن ٿا جتي انسان جي عظمت جو لقب اشرف المخلوقات آهي ۽ پوءِ جڏهن انسان پنهنجي پاڻ کي سُڃاڻي ٿو تڏهن ئي انسان حقيقي انسان ٿئي ٿو. شاعر ذهنن جا ڪاريگر آهن جيڪي سماج ۾ بگڙيل ذهنن کي بهتر بڻائن ٿا، شاعر اُن امن ۽ پيار جا مسافر آهن جنهن سان هڪ ڏينهن هي سمورو جڳ جنت بڻجي ويندو ۽ پوءِ پاڻ سڀ جيڪيِ اِن اُميد تي زنده آهيون ته اُهو ڏينهن ضرور اچڻو آهي جڏهن هن ڌرتيءَ تي نفرتن جو نانءُ نشان نه هوندو، هر طرف صرف مُحبتن جا ميلا ئي ميلا هوندا! ها! اهو ڏينهن ضرور ايندو جنهن جا پاڻ سڀ منتظر آهيون. منهنجو هي ڪتاب امن جا مسافر اوهانجي هٿن ۾ آهي، پڙهو ۽ راءِ ڏيو ڇو ته اوهان ئي مُنهنجا نقاد آهيو ۽ اوهان ئي منهنجي اصلاح ڪندڙ آهيو.

اوهان جو پنهنجو

**زاهد شيخ**

ڪراچي سنڌ
01-12-2018

0336-3500030
0304-2389924


امن جا مسافر : زاهد شيخ
www.sindhsalamat,com

## مهاڳ

# سنڌ جو قومي عوامي انقلابي شاعر

***شاعر*** ۾ عام ماڻهوءَ ۾ زمين آسمان جيترو فرق آهي. عام ماڻهو تتليءَ کي پڪڙي، ان جي ٽنگ ۾ ڌاڳو ٻڌي، ان کي قيد ڪري پنهنجيءَ مرضيءَ جيتري آزادي ڏيندو آهي ۽ ان جي ڪرشماتي رنگن مان لطف اندوز ٿيندو آهي. پر شاعر تتليءَ جون دانهون ڪوڪون ۽ درد ڀريل آهون ٻڌندو آهي. شاعر آزاديءَ جو متوالو ۽ سونهن جو قدردان هوندو آهي. هو دنيا جي هر شيءِ ۾ جماليات جا جلوا پسي ٻهڪندو رهندو آهي. اڄ مان ان آزادي پسند متوالي شاعر جي ڪتاب امن جا مُسافر تي مهاڳ لکندي فخر محسوس ٿو ڪيان. ڇو ته زاهد شيخ سموريءَ سنڌ جي سچن ۽ بهادر ماڻهن جي اندر ۾ دل وانگر ڌڙڪندڙ شاعر رهيو آهي هن جا گيت سنڌ جي سريلي راڳي سرمد جي آواز ذريعي سنڌ جي ٻچي ٻچي جي زبان تي سينگاريل آهن. زاهد شيخ پري کان غير واضح نظر ايندڙ شين بدران سامهون واضح نظر ايندڙ شين تي ڌيان ڏنو آهي هن پنهنجي سموري شعوري سگهه قوت ۽ عقل پنهنجي اڄ تي خرچ ڪيو آهي ۽ ان جي حل ڪرڻ جي جستجو ۾ قلم جي نوڪ استعمال ڪئي آهي. ڇو ته هو ڄاڻي ٿو ته ايڪويهين صدي جي تقاضا آهي ته انسان صرف ذهانت ۽ معلومات وڌائڻ تي توجه نه ڏئي پر جذبات تي قابو ڪرڻ جو ڏانءُ به سکي. اصل ۾ فطري علمن ۾ ترقي محدود اصولن تحت ٿيندي آهي. اهو ئي سبب آهي. جو انسان جو مزاج سولائيءَ سان ۽ تڪڙو تبديل ڪري ٻين جي قابل ٻڻائي نه ٿو سگهجي. ان لاءِ زاهد شيخ چيو آهي.

ڪو ٻاڪو ٿو هوئڻ لٿي ڪو هيئن لٿي بيٺو
جنهن کي سمجهه ۾ جيئڻ اڇي تو تيئن لٿي بيٺو
هڪڙو نسل يزيدي آ ٻيو نسل هلاڪوءَ جو
هڪ ٿو راتيون رت ڪري ٻيو ڏينهن لٿي بيٺو



جي ٿا مون کان ڳالهه پڇو ڪنهن رت جي رشتي جي،
جيئن کي غير لٽيندا آهن ايئن لٽي بيٺو
هر ڦرٽي ڪرسيءَ تي هڪڙو وحشي ويٺو آ،
روز ڏسئون ٿا هر ڪامورو ڪيئن لٽي بيٺو
ائين ته ڪو ڏاڙيل به زاهد ڪو نه لٽيندو آ،
پنهنجي قوم کي ملڪ جو حاڪم جيئن لٽي بيٺو.

منفي جذبا منفي اثر ڇڏيندا آهن. جيڪي خيالن ۽ عملن ۾ پيچيدگيون پيدا ڪندا آهن، پر انهن کي قابوءَ ۾ رکڻ سان شخصيت جي اصلاح ۽ ڪاميابي طرف وڌڻ جو موقعو ملندو آهي.

شاعري سيني جو روح آهي. پر شاعريءَ لاءِ سڀ ڪجهه خيالُ ئي آهي. شاعري جذبن کي خيال سان وابسته ڪندي آهي. ڇو ته خيال ئي اصل حقيقت آهي. شاعري زندگيءَ جي ترجماني ۽ زندگي کي زندگي ڏيڻ جو نالو آهي. شاعري حوصلو ۽ همت سان رهڻ جو ڏانءُ ڏئي ٿي، شاعريءَ کان سواءِ سائنس ۽ فلسفو نامڪمل آهي. شاعريءَ ۾ رياڪاريءَ لاءِ ڪا به جاءِ ناهي. اسان جي اڳيان بي پناهه قوتون پنهنجو ڪم پوري طريقي سان ڪنديون رهن ٿيون، سج، وقت تي اڀري ۽ لهي ٿو. زمين وقت تي چڪر ڪٽي ٿي وڻ هميشه بيٺو آهي. اهڙيءَ طرح انهن بيپناهه قوت جي مالڪ سان پنهنجو ناتو جوڙي ڇڏجي ته هر ڪم هر مشڪل آسان ٿي ويندي، نه ته ماڻهو وقت جي بي پناهه قوت هٿان ڇيپاٽجي ويندو.

جنهن جو اجرو اندر نه هوندو آ،
تنهن جو ڪنهن دل ۾ گهر نه هوندو آ،
سو ٿو ڇيپاٽجي وڃي جيڪو
وقت کان باخبر نه هوندو آ.

زاهد شيخ کي وقت جي اهميت جي خبر آهي. تصوف ۾ به وقت گهڙي مهل، پهر لاءِ استعمال نه ٿيندو آهي. پر صوفي جنهن حالت ۾ هوندو آهي ان کي ئي وقت چئبو آهي. اهو چاهي ننڊ، جاڳ، درد، خوشي، تنهائي ۾ يا ماڻهن جي ميڙ ۾ هجي مطلب ته جنهن حالت ۾ به هوندو اهو ئي تصوف ۾ وقت چيو ويندو. هن وقت اسان جو سماج مانگرن ۽ لومڙين جي ور چڙهيل آهي، جيڪي گرگٽ وانگر رنگ ڦيريندي دير ئي ڪو نه ٿا ڪن.

وڏيرا وري سڀ وٺڻ ووٽ ايندا،
وٺي ووٽ ويندا وطن کي لٽيندا،

مهاندا متائي نوان کوڙ ناهي،
غريبن کي غُندا، ڏنا کوڙ ڏيندا،

اسان باهہ ٻاري آ ان باهہ کان پوءِ،
گهٽا خوار ٿي ويا گهٽا خوار ٿيندا.

جنهن سماج ۾ دانائيءَ کي چرپائپ جا ميڊل ڏنا وڃن ۽ دهشتگردن لٽيرن کي راڄ جون واڳون ڏنيون وڃن، اتي امن، انصاف، ترقي ۽ انسانيت لاءِ هر قدم تي ڦاهن جا هار ٻڇيءَ ۾ وڌا ويندا آهن. جتي دليل ۽ دانائي جهالت جي قدمن ۾ ٽڏاڙيا وڃن. اتي ڪنهن کي قائل ڪرڻ ناممڪن ٿي پوندو آهي. جتي ڪنن سان نہ پر پيٽ ۽ ڪيسن سان ٻڌو وڃي. جتي روحن کي نچوڙيو وڃي، جتي بدصورتيءَ کي ڏوڪي جي ميڪپ ۾ ويڙهيو وڃي. جتي برائيءَ خلاف بغاوت، نفرت، حقارت خاموشيءَ جي محلن ۾ رهن. جتي هر ڳالهہ کي تجربي ۽ تنقيد جي پاڻيءَ سان ڌوئڻ بغير سچائي مڃيو وڃي. جتي اذيت مان مسرت ۽ گندگيءَ مان پاڪائي حاصل ڪئي وڃي، تہ پوءِ اهڙي معاشري کي ڪا بہ موسم تبديل نہ ٿي ڪري سگهي.

عقيدن جي انڌيرن ۾ متان وڃڙي وڃين منڙا،
وينو ٿئي من اندر مرشد، نہ ڪر ڪنهن پير جي ڳولها،
هجي اهڙو ٿئي جيڪو محافظ ديس ڌرتيءَ جو،
ڪري ٿي سنڌ جي هر پيڙ اهڙي وير جي ڳولها،
جنهن ۾ جڪڙي زماني جا سيئي ظالم ڪجن قابو،
ڪيان ٿو مان پيو زاهد اهڙي زنجير جي ڳولها،

جدا ٿيو ٿا مگر ڪنهن بہ موڙ تي ڪنهن پل،
نهڻ گهرئون تہ ڪوئي ناهہ جو رستو رکجو.

اڄ تہ هر جيءَ ۾ جذبن کي جيئاريون گڏجي،
هر شهر ڳوٺ مان نفرت کي ڌڪاريون گڏجي.

جتي ڪتن جي قبرن کي سجدا ڪيا وڃن. اهڙين حالتن ۾ انسانن جي نفس کان ٿيپي هڪ شاعر لاءِ روحن ۾ پنهنجي پنهنجي خيالن جون جڙون قائم ڪرڻ، ان لاءِ ڪيڏو نہ ڏکيو عمل آهي. زاهد شيخ اهڙي سماج جي نمائندگي ڪندي پنهنجي شاعريءَ رستي اصلاح جي اميد رکي ٿو جنهن سماج ۾ عقل آسودگي ۽ خوشي حاصل ڪرڻ لاءِ اخلاقيات جو سرعام قتل ٿئي ٿو. اندر جو اُجڙڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي، ڏک ۽ ڏولاون جي باهہ ماڻهوءَ کي ڪندن تہ بڻائي سگهي ٿي پر اندر اجاري نہ ٿي سگهي. انسان ۾ خواهش پريشاني، محرومي، مايوسي ۽ ناڪامي پيدا ڪندي آهي. چو تہ خواهش انسان جي انا ٻڌجي ويندي آهي. جنهن کي حاصل ڪرڻ بنا ماڻهو مري ويندو آهي. اهو حال ان انسان جو ٿيندو آهي، جنهن کي هڪ طرفو علم يا اڌوري ڄاڻ هوندي آهي. هر شئي بابت جنهن کي مڪمل ڄاڻ ٿي وڃي تہ ان جي خواهش تہ رهي ٿي پر خواهش جي ڪڍ، وهلور نہ ٿو ٿئي ان انسان لاءِ خوشي ۽ غم برابر ٿي وڃن ٿا. صوفي ان کي ترڪ واري حالت چوي ٿو. مطلب تہ مڪمل ڄاڻ ئي انسان جو اندر اجاري ٿي. نہ ان کي خواهشن جو تنڙ ڪو ڏک يا رنج پهچائي ٿو نہ ئي ان جو سر ڪٽندو آهي. اهو ماڻهو نيڪ ٿي وڃي ٿو جنهن کي خواهشون پاڻ ڇڏي وڃن ٿيون ۽ سمورا خوف ڪافور ٿي وڃن ٿا. محل ۽ جهوپڙيءَ جا فرق مٽجي وڃن ٿا.

پل ڪچڻ تي ملن وِهُہ وٺيون،
موت آهي پلو ماٺ ڪان،
زندگي هڪ دفعو آ ملي
جهومندي ڇو نہ زاهد جيئان.

جيءَ کي جيئارجي، هينئڙو نہ هارجي،
ٿورڙي آ زندگي، پيار ۾ گذارجي،
هر عذاب جي زاهد، مرڪ ۾ شڪست آ،
ڳٽتين جي ڳاهَہ ۾ ساهہ کي نہ ڳارجي.

محل دولت سان ناهي ٿا سگهجن سوين جاءِ ڪنهن دل ۾ ناهڻ آ ڏاڍي ڏُکي
قرب ۾ ڪنڌ منهنجو آ حاضر مگر، ڪنهن بہ فرعوني طاقت جون ڳالهيون نہ ڪر.
روح رشتا پلي جيءُ جهيري ڇڏن ڪنڌ ڪاٽن پلي سنڌ ڇيري ڇڏن،
دوستيءَ ۾ سيئي درد جهوليءَ جهلي، عاشقيءَ ۾ عداوت جون ڳالهيون نہ ڪر.
پاڪ جذبن تي هر روز پٿراءُ آ، دل جي هر آس ۾ گهاوَ تي گهاءُ آ
نااهل سان جي زاهد نپائڻ گهرين، زهر پي وڃ شڪايت جون ڳالهيون نہ ڪر.

شاعري ذهني، اخلاقي ۽ سماجي قوت جو دائمي مخرج آهي. شاعري هٿياربند فوج مثل آهي. جيڪا پنهنجي ڌرتيءَ جي ٻوليءَ ۽ ماڻهن جي حفاظت

ڪري ٿي. لمحي لمحي باخبر رهندي آهي جاڳندي رهندي آهي. جيڪو شاعر اخلاقي، تاريخي، سياسي، معاشي ۽ سماجي علم کان باخبر آهي. اهو ئي انسان جي نجات جو حل ڪيڏي ٿو ۽ جيڪو تخيل جي ڏيوالپڻي کان ڏور آ، اهو ئي وقت جو شاعر آهي.

مصنوعي سينگار نہ گهرجي،
ڪوڙو ڪنهنجو پيار نہ گهرجي،
چاهت کي چيپاٽيو چو ٿا،
نفرت جو اظهار نہ گهرجي،
اندر جنهن جو اونداهون آ،
ماڻهو سو مَڪار نہ گهرجي.
جذبن کي جهوري ٿو زاهد،
سنگدل هي سنسار نہ گهرجي،

ذهن جي سوچ لوچ ڏي ٿي چڏي،
وقت جي چال ياد کي ٿي چڏي،
درد جي ڏار تيز آ زاهد،
لوهہ جا لگ ڀي وڍي ٿي چڏي،

هڪ تہ هتي سردار ۽ جاگيردار روشن خيال رجهانن جا دشمن آهن تہ ٻئي طرف وچولو سياسي، طبقو شعوري طور تي اڄ سوڌو پنهنجي پيرن تي بيهي نہ سگهيو آهي هو اڄ بہ شعور کان وانجهيل برادري، علائقائيت، فرقي واريت، پير پرستي، جي ڦرڻيءَ ۾ ڦِرندي مفاد پرستي ۽ عدم استحڪام جو شڪار آهي، سماج مان اعليٰ مقصد غائب ٿي ويا آهن ۽ جسماني لطف جي اندڌندڌ نمائش ۾ مصروف، دلين کي گرمائيندڙ لفظ بي معنيٰ ولولو ۽ لوچ پيدا ڪندڙ جملا هاڻي پنهنجي موت جڙ پاڻ مري رهيا آهن. اڄ جو نسل سماج جي نڙ گهٽ تي لت ڏئي پنهنجي مفادات کي حاصل ڪرڻ کي ئي ڪامياب زندگي سمجهي ٿو.

پر زاهد شيخ جي شاعري ضميرن کي جنجهوڙيندڙ تهذيب ۽ تمدن ۾ نئون ساهہ ڦوڪي، غفلت، وهشي پٽي جو گهيراءُ ڪندي نظر اچي ٿي هن جي شاعري عظيم روڊ ۽ رستا پيدا ڪندي ٻيهر انسان جي عظمت کان واقف ڪرائي، رت جي رشتن ۽ ڌرتيءَ جي قرضن ۽ فرضن کان واقف ڪري ٿي. زاهد شيخ هڪ اهڙو انقلابي شاعر آ، جيڪو انقلاب جي سمورين خوبين ۽ ان جي ذميوارين کان خبردار آهي. قوم



جي تبديليءَ جو جوش ۽ جذبو زاهد شيخ وٽ آتشفشان وانگر آهي. جنهن جي اڳيان ظلم جا پهاڙ ڪڏهن قائم نہ ٿا رهي سگهن، هن جي شاعري درياهہ جي وهڪري مثل آهي جيڪا سموريون رڪاوٽون پار ڪندي سمنڊ تائين پهچي ٿي جنهن جي اڳيان هر رڪاوٽ منزل جو قريب ترين رستو ثابت ٿئي ٿي. زاهد شيخ کي خبر آهي تہ گل مُرجهائجي ختم ٿي ويندا آهن پر ٻج قائم ۽ دائم رهندا آهن. فنا ناهن ٿيندا.

جنهن جو واس ديس کي سکيو رکي،
پيار جو اهو گلاب پوکبو.
اونڌيرن ۾ آيا نہ آهن اجالا،
اجان نيڻ پنهنجا عذابن ۾ آلا،
آ ڪيڏو پيانڪ نصيبن جو منظر،
هٿين هٿ ڪڙيون ۽ زبانن تي تالا،
پڪاري ٿي خوابن جي تعبير زاهد
ملڻ لاءِ ڪرڻا ئي پوندا ڪشالا،
رات ڪين رهڻي آ، موٽڻا سويرا هن،
سوجهرو اجاريندو، هي پهر جي ميراهن.
هوءَ نيٺ تہ اچڻي آ، رت چاڻ جي هولين ۾،
ڪا موج تہ مچڻي آ، مهراڻ جي چولين ۾.
رات ۾ روشني ملي ويندي،
آس آهي خوشي ملي ويندي،
اڄ پراڻيون روايتون ٽوڙيم،
هڪ نيئن زندگي ملي ويندي.
سپنا ڪل سو پارا ٿيندا،
پنهنجا پاڳ پلارا ٿيندا.
آ مُصيبت بڻيو محبت لئہ،
ڪيڏو انسان بي رحم آهي.
عذاب ۾ آ زندگي، مگر نہ هاڻ هاربو
گذارڻو آ هر پهر، ڏکيو سکيو گذاربو.
دڳ دڳ ۾ اٿو ڏوکو، وک وک تي ويهي سوچيو،
راهن ۾ رلي ويندا، راهگير گهڻا آهن.
هٿ هي وڍيا، پير بہ وڍيا، سمجهان ٿو هي سنڌُ سنڌُ وڍبو،

پوءِ بہ مقتل آڏو پنهنجي ڳالهہ ٻڌائڻ آيو آهيان.
رستا ٿڪبا ناهن سائين، راهي ٿڪجي پوندا آهن،
منزل ڏور ڏسي واٽن ۾، ڪيئي ويهي رهندا آهن.
دلين جي دانهن ٿي گونجن ٿا گيت زاهد جا،
شهر ٿا چير وجائن تہ ڳوٺ ٿا ڳائن،
ورهين جي ڏي رات ۾ مان
وه جهڙا حالات ۾ مان.
هڪ ٻئي کان وڇڙيا ناهيون.
ڏرتيءَ جا فڪرات ۾ مان.
ڏکن جي رات ۾ جاڳي جيئون پيا زاهد،
سکن جي صبح لئہ ڪي، آفتاب ٿا پاليون.

سنڌين سان جيڪا سياسي رهنمائن ويساهہ گهاتي ڪئي آ، ان کي تاريخ ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندي، اڄ جي هُو گهمن ٿا تہ ٿانڊن تي جي سمهن ٿا تہ نوڪدار ڪوڪن تي، جي خواب ڏسن ٿا تہ لونءَ ڪانڊاريندڙ عذاب ڏسن ٿا. اهڙين حالتن ۾ زاهد شيخ جي شاعري قوم جي رهنمائي ڪري ٿي ۽ ڦٽن تي مرحم رکي ٿي. هي سنڌ جو واحد اڪيلواڄ جو قومي عوامي انقلابي شاعر آهي.

**امجد دراني**
ڪراچي

29_8_2018
0300_3139005

اسان لاءِ آهن اوهان جون ادائون،
بهارن جون شامون صبح جون هوائون.

ويارات چيڙي سَڄي تن بدن کي،
پشم جهڙا هٿڙا ۽ ريشم جون ٻانهون.

ٿئين تون نہ منهنجو مگر پوءِ بہ تولئہ،
اکين منجهہ ڳوڙها چپن تي دعائون.

پري پيرجن کان پرين تون ڪري وئين،
اکين کي اُهي ئي روئارن ٿيون راهون.

اڪيلو مسافر شهر اوپري ۾،
صدائون پُڪارون پرينءَ جون پُڇائون.

ڪيئي زلزلہ ڪيئي طوفان آيا،
وڃايون نہ زاهد اسان پنهنجون واهون.



آ دنيا ڏوڪيبازن جي مان پيار جي ڳولها ۾ آهيان،
دل وَرِهَن کان ويڳاڻي آ دلدار جي ڳولها ۾ آهيان.

ها جيڪا سونهن نماڻي آ ۽ راڻين جي پي راڻي آ،
اُن سونهن جي خوشبوءِ مِلڻي آ مهڪار جي ڳولها ۾ آهيان.

جتي قُرب وندي ٿو هر ڪوئي مان ديس ٿو ڳولهيان اهڙو ئي،
جنهن پار ڏي جيءُ جيءُ ٻولي آ اُن پار جي ڳولها ۾ آهيان.

آ ڏينهن تپي ويو راهن ۾ ۽ ڏور آ چانون محبت جي
مان پير جلائيندو ويندس ٿڌڪار جي ڳولها ۾ آهيان.

جيڪو ماڻهو منتار هُجي ۽ عظمت جو مينار هجي،
سو دلبر گهرجي ٿو زاهد، اُن يار جي ڳولها ۾ آهيان.

ويهي، تہ وير بہ ناهي، اٿي تہ ساگر آ،
ڪوي تہ قوم جي لئہ روشنيءَ جو رهبر آ.

اچڻ گهرو ٿا حسينو هليا اچو هڪدم،
اسان جي دل ڪي نہ ديوار آ نہ ڪو در آ.

چئو ٿا زندگي آ خواب اوهان جي هوندي،
اسان جو خواب نئين زندگيءَ جو منظر آ.

ڪو جرم ناهي اسان راهہ ٿا نئين جوڙيون،
اوهان جي آڏو رڳي رڄ آ رڳو بر آ.

چوي ٿو درد سهه ۾ صبر سان زهر پي وڃ،
عجيب دوست آ يارو عجيب دلبر آ.

خوشين جي ڪائي جهلڪ جنهن اڃان ڏٺي ناهي،
اسان جي دل بہ شهر ۾ غريب جو گهر آ.



مورن جهڙا ميت اسان جا،
گلڙن جهڙا گيت اسان جا.

دل هارائي موٿيا آهيون،
دلبر ها دلجيت اسان جا.

راڳ اسان جي رڳ رڳ ۾ آ،
سارا سُر سنگيت اسان جا.

ساري جڳ ۾ پيار ورهائي،
جذبا ٿيا جڳجيت اسان جا.

عزم رکيا هن اوچا زاهد
پيار پريت جي ريت اسانجا.

انـدر ۾ جـيـتـرا سُـهـڻـا گـلاب ٿـا پـالـيـون،
اڪـيـن ۾ اوتـرا مـحـبـوب خـواب ٿـا پـالـيـون.

ٻـڪـن ۾ سـونـهـن سـڄـي ڪـائـنـات جـي آڻـي،
چپن ۾ ڪـيـئـي چُـمـيـن جـا ثـواب ٿـا پـالـيـون.

ڳـچـيءَ ۾ پـيـئـجـي وڃـن ٿـا سـدائـيـن دڳ ويـنـدي،
عـجـيـب دوسـت بـڻـائـي عـذاب ٿـا پـالـيـون.

دلـيـن تـي خـون ڦـڙن جـا نـشـان جـاڳـن ٿـا،
جـگـر جـي نـوٽ ٻُـڪـن ۾ حـسـاب ٿـا پـالـيـون.

ڏڪـن جـي رات ۾ جـاڳـي جـيـئـون پـيـا زاهـد،
سُـڪـن جـي صـبـح لـئـہ ڪـي، آفـتـاب ٿـا پـالـيـون.

سـوچـون، سـپـنـا، دل ۾ مـان،
ڏور گـھـڻـي مـنـزل ۾ مـان.

مـاڪ، گـلاب، هـوا، جـوڀـن،
هـڪ گـوري چـنـچـل ۾ مـان.

خـالـي گـھـر جـي ڪـمـري ۾،
تـنـهـنـجـي هـئـي ڪـل ڪـل ۾ مـان.

تـوريءَ قـبـرسـتـان بـڻـيـل،
مـنـهـنـجـي هـر مـحـفـل ۾ مـان.

هـڪ ٻـئـي جـا ٿـي ويـا آهـيـون،
وسـڪـيءَ جـي بـوتـل ۾ مـان.

مـور نـہ ٿـهـنـداسـيـن زاهـد،
هـو سـنـگـدل قـاتـل ۾ مـان.


امن جا مسافر : زاهد شيخ
www.sindhsalamat,com

وقت جي وير منهنجي سوچن ۾،
منهنجي تقدير منهنجي سوچن ۾،

پيار پنهنجو ڏئي گُهلاءِ پرين،
ڪا ٿڌي هير منهنجي سوچن ۾.

توکي تنهنجي سُڪون جي ملندي،
صاف تصوير منهنجي سوچن ۾.

حور جهڙن حسين سپنن جي،
آهي تعبير منهنجي سوچن ۾.

جبر جڪڙي، نٿو سگهي زاهد،
پنهنجا زنجير منهنجي سوچن ۾.



ورهين جيڏي رات ۾ مان،
وِهُه جهڙا حالات ۾ مان.

نبري ڪين سگهيا آهيون،
سورن جي سڪرات ۾ مان.

دل کي ويٺا ريجهايون،
هر پل تنهنجي تات ۾ مان.

جڳ جون مرڪون ٿا چاهيون،
سوچن جي برسات ۾ مان.

هڪبئي کان وڇڙيا ناهيون،
ڌرتيءَ جا فڪرات ۾ مان.

عشق ۾ اعتبار بيٺو آ،
آس ۾ انتظار بيٺو آ.

رهنما راهه ۾ روئي ويٺو،
قافلو بيقرار بيٺو آ،

جيءُ جهيريل آ مگر نيٽن ۾،
زندگيءَ جو خمار بيٺو آ.

هر ڪوي آٿتون ورهائي ٿو،
جڳ سڄو اشڪبار بيٺو آ.

دل آهي چاهتن جو چيئو واٿو،
پيار وارن لئه پيار بيٺو آ.

موت سان منهن مٿا ڏئي ويجهو،
جيءُ تون جان نثار بيٺو آ.

پيار جي عظمتن کي سمجهي ٿو،
باوفا باوقار بيٺو آ.

تيستائين در ڪليل آ مقتل جو،
جيستائين ڪو سچار بيٺو آ.

تون اچي ويهه سيج تي سهڻا،
تنهنجو خدمت گذار بيٺو آ.

تنهنجي واعدن جي آسري زاهد،
راهه ۾ بار بار بيٺو آ.



ڪيئن ملان عيد جي چنڊ سان،
نيڻ ٻانهون ڪيون ٿو وتان.

چئن لفظن ۾ قصو ختم،
تون اسان جوءِ تنهنجا اسان.

تنهنجي دل ۾ ڏسڻ جيتري،
ديد آهي تڏهن ٿو ڏسان.

ڏنپ ڏيندئي سڄو ڏيهه پر،
ويچ گهرجئي ته وٺ مون وٽان.

تون اکين سان پيئارين ته پوءِ،
مان هٿن سان وٽي ڇو پيئان.

ٻَل ڪُڇڻ تي ملن وِهُه وٺيون
موت آهي پلو ماٺ ڪان.

زندگي هڪ دفعو آ ملي،
جهومندي ڇو نه زاهد جيئان.



امن جا مسافر : زاهد شيخ
www.sindhsalamat,com

سونهن مان سادگي ملي جيڪر،
روح کي تازگي ملي جيڪر.

جيتريون خواهشون مليون آهن،
اوتري زندگي ملي جيڪر.

جنهن سان هر ڪو اندر ڏسي سگهجي،
اهڙي ڪا آرسي ملي جيڪر.

تون ٻه دعويٰ ٿو ڪرين پر توکان،
شل سچي دوستي ملي جيڪر.

پل هو ورهين ڪانپوءِ ملي زاهد،
پر وڏو ٻڪ وجهي ملي جيڪر.



نهار ساڻ اوهان جا خمار ٿا چاهن،
اسان جا نيڻ ٻه هاڻي قرار ۾ آهن.

اسان هٿن ۾ ڪنيو زندگيءَ جو هر لمحو،
دڳن ۾ پير جوانيءَ جا عڪس ٿا ٺاهن.

اچن ٿا لفظ ڪٽي آرزوءَ جا سپنا،
ڪوي قلم سان اُداسين تي ليڪ ٿا پائن.

گهڙيءَ جي مرڪ ٻه وَرِهَن جا گهاو ميٽي ٿي،
پهر جا پيار ٻه صديُن جا سور ٿا لاهن.

اجالا عشق اکين ۾ پريت جا پاليا،
انڌيرا نيهن نپايا نگاهه ۾ ناهن.

دلين جي دانهن ٿي گونجن ٿا گيت زاهد جا،
شهر ٿا ڇير وڄائن ته ڳوٺ ٿا ڳائن.

وقت ويچار ڪي سڏيندو آ،
پيار ئي پيار ڪي سڏيندو آ.

آڏو ايندڙ حسين هر چهرو،
منهنجي اظهار ڪي سڏيندو آ.

چاهتن ۾ چڙهي پهاڙن تي،
عشق اقرار ڪي سڏيندو آ.

دانهن جيڪو ڪندو آ دردن ۾،
دوست دلدار ڪي سڏيندو آ.

سانت جي مهل ساز جو هر سُر،
گيت گونجار ڪي سڏيندو آ.

هر سول اسپتال ۾ ويهي،
موت بيمار ڪي سڏيندو آ.

روز گلڙن جي آس ۾ زاهدَ،
هاڻ هٻڪار ڪي سڏيندو آ.

همتون هوش مان هٽيون ناهن،
جرئتون جيءَ مان جهڪيون ناهن.

جن ۾ آ سونهن سمايل تنهنجي،
سي، مون سوچون پرين مٽيون ناهن.

عمر گهٽجي وئي گهٽي ليڪن،
گهاو گهڙيون اجان گهٽيون ناهن.

تنهن کي احساس درد جو ڪهڙو،
جنهن ٻه راتيون روئي ڪٽيون ناهن.

ڏور بيٺي آ مرڪ منزل تي،
راحتون راهه ۾ رڪيون ناهن.

تنهن نه ڇڙ زندگي ڏٺي زاهد،
جنهن کي وهه جون مليون وٺيون ناهن.

پرين اسان جو پرين آ، پرينءَ سان پيار ڪبو،
صدين کان پوءِ سحر آ ـ تہ انتظار ڪبو.

اڄان نصيب نِدورو ـ جَهلي پيو جهٽڪون،
جتي بہ قُرب ملي وِيو ـ اُتي قرار ڪبو.

پريت ريت مٿان جيڪڏهن پهاڙ ڪريا،
صنم بچائبو هڪڙو ـ جنم نثار ڪبو.

مزار انتظار جو ـ مثال ٿي ويندي،
اوهان جي راهہ ۾ قائم ـ هي يادگار ڪبو.

جڏهن بہ چاهہ تي زاهد اُداس واءُ گُهليو،
جوان دل جي اميدن تي اعتبار ڪبو.

سوچ جا سلسلا ٿو ڏيان،
همتون حوصلا ٿو ڏيان.

مان تخيل جي هر سٿ کي،
وقت جا وهڪرا ٿو ڏيان.

پنڌ ٿر جو پري تون پرين،
اُڄ کي آسرا ٿو ڏيان،

پنهنجي، ضمير آڏو ڪيل،
واعدن کي وفا ٿو ڏيان.

ڏات سان رات ۾ ويهہ کي،
پرهہ جا پيچرا ٿو ڏيان.

تنهنجي چئي بيڪار تہ ناهيان،
گل نہ صحي پر خار تہ ناهيان.

مون سان ملندي ڪيٻائين ٿو،
ٽڪر جيڏو بار تہ ناهيان.

تيز هوا چو ڪيرائيندي،
ڪچي وڻ جو ڏار تہ ناهيان.

ايڏو ڇو ڪمزور ٿو سمجهين،
ڪوريئڙي جو ڄار تہ ناهيان.

گيتن ۾ غم ڪيئن نہ پويان،
دردن کان مان ڌار تہ ناهيان.

هيڻو حال ضرور آ زاهد
پر مان ڪو پينار تہ ناهيان



سوچ منهنجي پري پري تائين،
هٿ منهنجا ڳلي ڳري تائين.

عشق انسان سان جڏهن کان ٿيو،
مون چٽايو ڇري ڪري تائين.

ذهن ۾ آسمان جي دنيا،
جاچبو سمنڊ جي تري تائين.

ڪيئي ٻُڏٽيون پون ٿيون پيارن جون،
وڇن کان ويندي آسري تائين.

قوم جي ڪاج لاءِ ڳائيندس،
رات ڪاريءَ ۾ سوجهري تائين.

سنڌ سان ساٿ نڀائي وڃبو
ساهہ جي آخري ذري تائين.

پيار پهچائي آ ڇڏيو زاهد،
مٺ جي هڪ تيز وهڪري تائين.

عشق جي آڳ آ۔ ٻاٿ ۾ ٿي ٻري،
پيار جي ڳالهه آ۔ پيار ۾ ٿي هلي.

رات ۾ روشني۔ پرهه تائين پرين،
تاب تنهنجو ڏسي۔ چنڊ بيٺو چڙي،

ساهه پويون ٻَچو۔ حُسنَ هاڻي سَڏيو،
سَنڌُ ثابت نه ڪو روح پيو ٿو رڙهي.

مُرڪندي مُرڪندي۔ مان روئي ٿو پوان،
پَرچندي پَرچندي۔ هُو رُسي ٿو پوي.

مان جيئان ٿو جيئان، موت تنهنجي مٿان،
زندگيءَ جون سَٿون۔ ساهُه پِيو ٿو سَهي.

برهه پَڙڪا ٿيا۔ مَچَ زاهدَ مچيا،
جو ڏکي سو هَٿي۔ جو پَچي سو اَچي.



عشق ڏيندو عذاب آ يارو،
پوءِ پيي لاجواب آ يارو.

سو اجايو ته ڪو نه ايندو آ،
جيڪو اکڙين جو آب آ يارو.

هوءَ هڪ لام آهي ڪنڊن جي،
جنهن جو چهرو گلاب آ يارو.

جيئري ٿو ڏئي ڇڏي جنت،
پيار اهڙو ثواب آ يارو.

جڳ جاني سچو مگر زاهد،
منهنجو هڪڙو جناب آ يارو.

ساهہ جي سار تي شال اُپري اچين،
سج جهڙا صنم، چنڊ جهڙا پرين.

تنهنجي پيرن کي چمندي ستارن چيو،
رات جرڪي پوي جي تون مرڪي پوين.

قرب تنهنجي ڪيو شاعريءَ کي امر،
منهنجي هر گيت جي روح ۾ ٿو رهين.

چاهہ توسان ڪيم، ساهہ تو تي ڏنم،
ڏوهہ ڪهڙو ڪيم ڏنڀ چو ٿو ڏئين.

منهنجي من جا مٿا تنهنجي من ۾ آچا؟،
مان ڏسيو ٿو ڏسان تون لڪيو ٿو لڪين.

تنهنجي زاهد جو جيون امر ٿي وڃي،
پنهنجي ساهن اندر جي تون سانڍي رکين.

جا گهڙي تو ڪان ڌار آ جاني،
سا گهڙي دل تي بار آ جاني.

ڪک تنهنجي مٿان سهي نہ سگهيس،
اهو جذبو ئي پيار آ جاني.

تنهنجي هر ڳالهہ تي اکيون ٻوٽي،
مون ڪيو اعتبار آ جاني.

تو نهاريو ملي ويو مون کي،
هلڪو هلڪو خمار آ جاني.

موت جو زندگيءَ ۾ ٻيو نالو،
عمر ڀر انتظار آ جاني.

زندهہ زاهد اڃان تہ آ ليڪن،
تو سوا بيقرار آ جاني.


امن جا مسافر : زاهد شيخ
www.sindhsalamat,com

مُحبتُن ۾ وَريا تہ ناهيون،
غريب آهيون چريا تہ ناهيون.

اندر جي ڪارن سان ڳالھہ ٻي آ،
ٿڌين دلين سان ٻريا تہ ناهيون.

ڪنڊن جون راهون تڏهن بہ ڪاهون،
ڊرا سفر ۾ ڊريا تہ ناهيون.

اسان جي دل ۾ وجي ٿي وڏندي،
اوهان جي سڪ مان ڀريا تہ ناهيون.

اوهانجي ڳڻتيءَ چڏيو آ ڳاري،
اجايو زاهد ڳريا تہ ناهيون.

ٿين پيار جون ڪي رهاڻيون ٿين،
اچن شال ڪي ڏينهن اهڙا اچن.

جڏهن نانءُ تنهنجو وٺان ٿو پرين،
تڏهن ٿڪ منهنجا لهي ٿا پون.

اُهي لڙڪ تو ڪان وٺڻ ٿو گهران،
جي تنهنجي اکين مان اچڻ ٿا گهرن.

متان ماٺ ڪي موت سمجهي ڪوئي،
اجان ٿيون اسان جون اميدون جيئن.

اسان جا پهر پل زاهد سيئي،
دفن تائين شل دوستن لئہ هجن.



امن جا مسافر : زاهد شيخ
www.sindhsalamat,com

جو پرين خوشيءَ جو ڏينهن آ،
سوئي زندگيءَ جو ڏينهن آ.

جيستائين جوان آ نظر،
روز عاشقيءَ جو ڏينهن آ.

اڄ ملهايون ڌام ڌوم سان،
توسان دل لڳيءَ جو ڏينهن آ.

پاڻ اڄ ملي نٿا سگهئون،
ڪيڏو بيوسيءَ جو ڏينهن آ.

ساري عمر کان لڳو سُتو،
پيار جي گهڙيءَ جو ڏينهن آ.



حياتيءَ جا هٻڪار وسري نه سگهندا،
جوانيءَ جا ٻهڪار وسري نه سگهندا.

دلين ۾ ويهاري جيئاري ڇڏيو جن،
انهن جا اهي پيار وسري نه سگهندا.

ڀُلائڻ جون ڳالهيون ڀُلائي ڇڏيون سي،
وفائن جا ڪردار وسري نه سگهندا.

جنين تي ڪيو زندگيءَ رقص جهومي،
سي چيرن جا چمڪار وسري نه سگهندا.

اسان ساهه کان ٿي مٿي جن کي سمجهو،
اهي ٿي ويا ڌار وسري نه سگهندا.

گهڻا من جا ميرا ويا ميٽجي پر،
سچائين جا سهڪار وسري نه سگهندا.

ڇڏي عڪس ويا چاهتن جا چمن ۾،
هيا هانون جا ٺار وسري نه سگهندا.

اي ڪاش، هتي جي ريت هجي،
هر پاسي پيار ۽ پريت هجي.

ايئن رلجي سڀ ارواح وڃن،
هر ماڻهوءَ سان گڏ ميت هجي.

سڀ قدر ڪرن ارمانن جو،
هرجاءِ وفا جي جيت هجي.

آواز ۾ جادو ايري پئي،
جي سُر سان گڏ سنگيت هجي.

پن پن ۾ پيدا پيار ڪري،
زاهد اهڙو هر گيت هجي.



جيءَ کي جيئارجي- هينئڙو نہ هارجي،
ٿورڙي آ زندگي- پيار ۾ گذارجي.

درد جي هوا اڳيان- همتون نہ هارجن،
دل جڏهن اداس ٿي آس کي اُپارجي.

ذهن جي حسين آ- تہ هر پهر حسين آ،
سونهن ۾ سُرور آ- سوچ کي سنوارجي.

روحَ روحَ ۾ نيون- روشنيون جنم وٺن،
چاهتن جي لاٽ کي- ٻاٽ منجهہ ٻارجي.

هر عذاب جي زاهد- مُرڪ ۾ شڪست آ،
ڳٽتين جي ڳاهہ ۾- ساهَہ کي نہ ڳارجي.

اوهان ساڻ آهيو اڪيلا ته ناهيون،
اوهان جا ئي آهيون، اوهان کي ٿا چاهيون،

پرين پيار ۾ ڪارَ آ ٻار جو ڪم،
ڪڏهن اهڙيون سوچون اسان ۾ نه آيون.

اُجايل چپن کي ڏيئون ڪيچَ مُرڪون،
ڏڪويل دلين ۾ سُڪن کي سجايون.

سڄي عمر وئي انتظارن ۾ گذري
اميدن سان ورهين کان ويٺا نڀايون.

جنين ساڻ سڪ ۾ گهڙيون چار گذرن،
نه ڪوتن کان ڀُلجئون نه تن کي ڀُلايون.

جواني گهري شادماني ٿي زاهد،
حياتيءَ جي ڪائي گهڙي چو وِڃايون.

اَڄُ ته آهيان ورونهه ڪر موسان،
مان سيپاڻي متان هُجان نه هُجان.

پيارَ ۾ عارَ جون اِهي ڳالهيون،
مون نه جڳ ۾ ٻُڌيون سُڌيون ڪنهن کان.

خار جو زهر هار پل مون تي،
دل ۾ ٿورو ذرو بچائين متان.

ٿي سگهي ٿو جدائي موت ڏئي،
فيصلا پوءِ پلا ڪندين ڪنهن سان.

دوستو هن حَسين دُنيا کي
پيار جو گهر بڻائجو ته اوهان.

رات جي سانت کي چڏيان ٿوڙي،
اڄ ته زاهد ڪو گيت اهڙو چوان.

تنهنجو گهر آ منهنجي من ۾،
منهنجو گهر تنهنجي نيڻن ۾.

توسان گڏ محسوس ڪيان ٿو،
ڪا به ڪمي ناهي جيون ۾.

رَتُ جا رشتا روڳُ ڏئي ويا،
راحت آ روح جي رشتن ۾.

روز ازل کان آهي منهنجو،
ساهه ٿنگيل تنهنجن رَستن ۾.

جهڙي تهڙي حال ۾ زاهد،
ماڻهو ٿهندو آ پنهنجن ۾.

دوستي زندگي آ پرين،
پيار ۾ هر خوشي آ پرين.

قُربَ تنهنجي بنا آ ڪڙي،
هر گهڙي وِهُه ڳڙي آ پرين.

بي وسيءَ جي ٿو معنيٰ پُڇي،
مون ڇيو دل لڳي آ پرين.

پيار جو لفظ آ ڪيترو،
ڳالهه ڪيڏي وڏي آ پرين.

ڪَندَ زاهد جهُڪن ٿا جتي،
عشق اهڙي اڏي آ پرين.



امن جا مسافر : زاهد شيخ
www.sindhsalamat,com

سمنڊ ڪنارو، تون ۾ مان،
موسم پيارو، تون ۾ مان.

پنهنجي آڏو، آهي اُجرو
چاهت چارو، تون ۾ مان.

آءُ ته جاڳي، رات گذاريون،
چنڊ ستارو، تون ۾ مان.

تون ئي منهنجو، مان ئي تنهنجو،
ساهه سهارو، تون ۾ مان.

آءُ سَجايون، زاهد پنهنجو
جيون سارو، تون ۾ مان.

ساهه سينگار پيار آ تنهنجو،
هانوَن جو ٿار پيار آ تنهنجو.

تو بنا روز تنهنجي يادن ۾،
سوچ ويچار پيار آ تنهنجو.

تنهنجا انداز شاعري منهنجي،
منهنجو اظهار پيار آ تنهنجو.

جنهن نئين زندگي ڏني آهي،
اهڙو اقرار پيار آ تنهنجو.

پڙهندين آتم ڪٿا جي زاهد جي،
اهم ڪردار پيار آ تنهنجو.

خوبصورت نظارن جيان ٿي لڳي،
باغ ۾ تون بهارن جيان ٿي لڳين.

تنهنجي هر نقش ۾ روشني آ الڳ،
گڏجي بيٺل ستارن جيان ٿي لڳين.

جيڪي چاهت جي معراج ڏي ٿا وڃن،
تن محبت جي چارن جيان ٿي لڳين.

پيار تنهنجو ڏسي موت موٽي ويو،
زندگيءَ جي سهارن جيان ٿي لڳين.

روز مدهوش زاهد رهيو تو اڳيان،
تون سراپا خمارن جيان ٿي لڳين.



عشق اجهامي ويندو ناهي،
پيار پراڻو ٿيندو ناهي.

تنهنجي عڪس بنا ڪو پلجي،
خيال اسان ڏي ايندو ناهي.

سوچ ڏئي ويندو آ ليڪن،
وقت ڪڏهن سوچيندو ناهي.

ويٺو دل جي واديءَ ۾ آ،
توڙي ايندو ويندو ناهي.

تون زاهد کان ٿهڪ نہ چنجانءِ،
ڏيهہ تہ مُرڪون ڏيندو ناهي.



امن جا مسافر : زاهد شيخ
www.sindhsalamat,com

منهنجو تو سان پيار آ ايڏو
ڏرتي سمنڊ ڪنارن جيڏو.

جيڏو مان توکي ٿو پوڄيان،
تنهنجو چاهه بہ آهي تيڏو.

سونهن شناس مُنهنجين اکڙين کي،
وڻندو ناهي جيڪو تيڪو.

منهنجي گهر ديوارن کان پُڇ،
توکي ياد ڪندو هان ڪيڏو.

تنهنجي اوسيئڙي ۾ زاهد،
ورهين کان جاڳي ٿو ويٺو.

تنهنجو مُک شرمائڻ لاءِ،
ڪافي آ تڙپائڻ لاءِ،

تنهنجي ذات ۽ نانءُ بڻيو
گيت آ منهنجي ڳائڻ لاءِ.

چاهه ڪٽي آيو مون کي،
تنهنجو در کڙڪائڻ لاءِ.

سوچون سندر خواب ٿيون،
روح سندم ريجهائڻ لاءِ.

آٿت گهرجي سُڏڪن کي،
ٿهڪن ۾ بدلائڻ لاءِ.

زاهد هر ڪو پل آيو
اندر کي ايذائڻ لاءِ.


امن جا مسافر : زاهد شيخ
www.sindhsalamat,com

سونهن تنهنجي آ لاجواب صنم،
پيار تو ساڻ آ ثواب صنم.

روشني رات لئہ گهري بيٺو،
مرڪ تنهنجيءَ کان ماهتاب صنم.

عشق منهنجي ۾ آرزو تنهنجي
حُسن تنهنجي ۾ آ حجاب صنم.

ذڪر تنهنجي سان جنهن جي عظمت آ،
مان تہ آهيان اُهو ڪتاب صنم.

قربُ جو سلسلو رهي قائم،
تون نہ زاهد سان ڪر حساب صنم.



تنهنجي پيار جو هڪڙو پَلُ،
جيءَ جياپي جو آ جَهلُ.

سونهن ۾ ڪنهن کي زور چوان،
ڪارو تر يا ڳاڙهو ڳلُ.

تنهنجي هڪڙي مرڪ بڻي،
منهنجي هِنيانوَن جو آهي ٻلُ،

هِڪڙي هٿ ۾ تون هٿ ڏي،
ٻي هٿ ۾ آهي. مشعل.

توکي ٿهڪ ڏٻا ساجن،
توڙي من آهي گهايل.

پاڳل ماڻهو سمجهي ٿو،
ساري دنيا کي پاڳل.

پاڻ وسارڻ جي چاهين،
پوءِ مسافر مون سان هل.

رس ۾ راند رکي زاهد،
ميلو چڏبو يار متل.

تون نہ ملندين تہ خير ڪونهي ڪو،
تو سوا منهنجو ڪير ڪونهي ڪو.

تنهنجي اندر جي ڄاڻ آ توکي،
منهنجي من ۾ تہ مير ڪونهي ڪو.

مان ڇُمين چاهتُن جو شاعر هان،
منهنجو ڪنهن سان بہ وير ڪونهي ڪو.

ڪوئي توکي چئني وڃي مون کان،
ايترو پي انڌير ڪونهي ڪو.

آهي سادو گهڻو مگر زاهد،
تنهنجو پنهنجو آ غير ڪونهي ڪو.



تون اچين ٿي تہ منهنجي اڱڻ جي اڳيان۔ چنڊ تارا بہ جهومي لهي ٿا اچن،
تون وڃين ٿي تہ منهنجي حياتيءَ منجهان۔ روشنيءَ جا اجالا هليا ٿا وڃن.

تنهنجي گفتار مان گل ڇڻن ٿا پيا۔ تنهنجي ڪردار مان ٿيون وفائون بڪن،
تنهنجون ساريون ادائون اکين تي رکي۔ ناز تنهنجا سيئي ساهہ ۾ سانڍجن.

پيار سان روح کي ٿيون ملن راحتون۔ پيار سان ئي جُڙي ٿيون پن جنتون،
پيار وارا جتي ٿي جُدا ٿا پون۔ ڪيئي دوزخ اتي ئي ٺهي ٿا پون.

پنهنجي شاهي محل تي رکي پيرڙا۔ مُنهنجي اُجڙي ويل جهوپڙيءَ ۾ تہ ڏس،
تنهنجي يادن جون هڏڪيون ستائن پيون۔ ۽ ٿڌا ساهڙا تڙپندا ٿا رهن.

گيت سنبري اچن ٿا لکي ٿو وٺان، لوڪ جا لڙڪ زاهد اُگهي ٿو وٺان،
نيڻ پنهنجا پلا ڪيئن پرچائجن۔ نير نيرن مٿان وير جان ٿا وهن.

تنهنجي اکڙين جي آڪاش مان۔ صبح جاسوجهرا ٿا ڦٽن،
تنهنجي زلفن جي سايي منجهان۔ شام کي چانورا ٿا ملن.

تنهنجي نظرن جو هڪڙو نظارو۔ چنڊ وينو آ ٻڻجي ويچارو،
تو سان چانڊاڻ جهومي پئي۔ سڀ ستارا پيا رقص ڪن.

چاهہ وارن چپن کي ٿي چورين۔ ڇڻ تہ هيرن جي تسبي ٿي
سورين،
ماٺ ٿي ماٺ حيرت منجهان تنهنجون ٻوليون پکي ٿا ٻُڌن.

تنهنجي جلون ۾ جرڪاءُ جيڏو۔ دل ۾ تو لاءِ آ تاءُ تيڏو،
منهنجي سوچن سندا سلسلا۔ سونهن تنهنجيءَ مٿان ٿا ڪٽن.

ٿورو ٿورو پلي پاڻ پل تون۔ قيدخاني ۾ جوين نہ جهل تون،
ساهہُ زاهد ڪان ويندو رُسي۔ شل نہ رخسار تنهنجا رُسن.

مُرڪي مُرڪي ملڻ ڪپي يارو،
جَرڪي جَرڪي جِيئڻ ڪپي يارو.

ڄاڻ پنهنجي تہ پاڻ سان آهي،
ڳالهہ ٻي جي ٻڌڻ ڪپي يارو.

دوستيءَ ۾ دغا بہ ٿيندي آ،
بيوفا کان بچڻ ڪپي يارو.

ساري دنيا ۾ درد وارن کي،
ڏِي ڪوئي ڏيڻ ڪپي يارو.

زندگي جيتري بہ آ زاهد،
راحتن ۾ رهڻ ڪپي يارو.

سسُئيءَ جو پير چارو آ گُلشن ـ حديد،
مون کي تڏهن تہ پيارو آ گُلشن ـ حديد.

هر واٽ تان اچي ٿو خوشبوءِ جو هُڳاءُ،
چئو طرف سونهن سارو آ گُلشن ـ حديد.

سو ساهُہ ٿو سدائين سُرهاڻ ۾ رهي،
جنهن ساهہ جو سهارو آ گُلشن ـ حديد.

هر پل مُحبتن جي آ هنج ۾ رهيو
ڪيڏو تہ پاڳ وارو آ گُلشن ـ حديد.

منهنجن حسين خوابن مان هڪڙي خواب جو
زاهد حسين نظارو آ گلشن ـ حديد.



اسان هجئون نہ هجئون، شل اوهان کي ياد هجئون،
رکو جي روح ۾ راڻا تہ ڪائي ڳالهہ ڪيئون.

اسان جو درد آ دوزخ جي باهہ کان ٻيڻو
اوهان جو سور ٿو ساڙي ڪڙهي ڪڙهي ٿا ڪڇئون.

اسان جي دُهل جو دَڏڪو بہ دانهن بڻجي ويو،
ڪٿي ڪا جاءِ جلي آ اٿي آ آهہ اٿئون.

ٻُڌو اسان کان تہ ٻولي آ قرب جي حاضر،
ٻُڌايو پيار جون ڳالهيون تہ بار بار ٻُڌئون.

جي زندگي ٿا وٺو وقت کان خوشي بہ وٺو،
ٻُڌو نہ گيت رڳو ميت منا زاهد ڪنئون.

توڙي ڏاڍا اهنجا آهن،
پنهنجا پوءِ بہ پنهنجا آهن.

سَسُئي ٿي پئہ سُهڻي ٿي پئہ،
رَستا سارا سَهنجا آهن.

ڪندن جهڙا ماڻهو جڳ ۾،
دوست نہ ٿيندا ڪنهنجا آهن.

مون کي ڏاڍو پيارو آهي،
جهير اندر ۾ جنهنجا آهن.

جنهن تي ساهہ ڏبو آ زاهد،
سور بہ سهبا تنهن جا آهن.





پيار منهنجي کي سمجهي سگهي آن نہ تون-
مون سان ڪوڙي محبت جون ڳالهيون نہ ڪر،
عشق اوکو اٿئي، چنڊ دوکو اٿئي، چنڊ سان ويهي
چاهت جون ڳالهيون نہ ڪر.

هن حياتيءَ جي ٿڌڪار کان تون پري- چو رهڻ
ٿي گهُرين پيار کان تون پري،
پريت جي ريت ۾ ٿي ملي هر خوشي- رڻ ۾
ويهي تون راحت جون ڳالهيون نہ ڪر.

محل دولت سان ٿاهي ٿا سگهجن سوين- جاءِ
ڪنهن دل ۾ ٿاهڻ آ ڏاڍي ڏکي،
قرب ۾ ڪنڌ منهنجو آ حاضر مگر- ڪنهن بہ
فرعوني طاقت جون ڳالهيون نہ ڪر.

روح رشتا پلي جيءُ جهيري ڇڏن- ڪنڌ
ڪاٽن پلي سَنڌَ چيري ڇڏن،
دوستيءَ ۾ سيئي درد جهوليءَ جهلي- عاشقيءَ ۾
عداوت جون ڳالهيون نہ ڪر.

پاڪ جذبن تي هر روز پٿراءُ آ- دل جي هر آس
۾ گهاو تي گهاوءَ آ،
نااهل سان جي زاهد نيائڻ گهرين- زهر پي وڃ

## شڪايت جون ڳالهيون نه ڪر.

ڪندڻ وارا، چُپن چارا، ڏُکن جا ڍيرَ ڍڳ ۾،
سچا مشتاق سِرَ ڏيندا، هوندا منصور اڳ اڳ ۾.

جلايو يا جسم جهوريو برهه جي بوءِ رهڻي آ،
پريڻ سان پيار جا رشتا، رچيا رت ساڻ رڳ رڳ ۾.

اندر ۾ عشق جا آهن، وڏا آڙاهه اپري پيا،
لڳو آ نينهن لڳ لڳ ۾، چُريو آ چاهه چڳ چڳ ۾.

مرڻ وارا مري ويندا. امر انسان ڪي آهن،
جنين جڳ کي ڏنا جلوه، اُهي جيئرا ته جڳ جڳ ۾.

ڪڏهن ڪينجهر، ڪڏهن منڇر اُتر ۾ لاڙ ۾ زاهد،
پنهوارن کان پري ناهيان، وينل وانگين سان وڳ وڳ ۾.

رستا ٿڪبا ناهن سائين۔ راهي ٿڪجي پوندا آهن،
منزل ڏور ڏسي واٽن ۾۔ ڪيئي ويهي رهندا آهن.

ڪوڪو رهڙيل روح ٿئي ٿو۔ هر ڪو جهيريل جيءُ ته ناهي،
جنهن جي دل آ دکندي تنهن کان۔ ڳاڙها ڳوڙها ڳڙندا آهن.

چوٽ چڙهي ٿي موت نه ڄاڻي۔ اوکيءَ ۾ ڪا اوٽ نه ڄاڻي،
ڏکندي آ پر جهڪندي ناهي۔ چاهت جنهن کي چوندا آهن.

رات نگر کان ڏور سحر آ۔ سوچون ميڙي سج بڻايو،
لوچڻ سان ئي سور صدين جا۔ ڪنهن لهذي ۾ لهندا آهن.

آهي زاهد باهه به آڙو۔ ساهه به پيارو چاهه به پيارو،
عشق جي آڙهه مان گذرڻ جون۔ سختيون ڪي ڪي سهندا آهن.

ساقي تنهنجي مئخاني ۾ دل وندرائڻ آيو آهيان،
دنيا ڏاڍا درد ڏنا هن درد گهٽائڻ آيو آهيان.

چٽنگ ٻري هئي، هوريان هوريان مچ مچي ويو آهي من ۾،
جام جي ڍڪ ڍڪ سان اندر جي آگ اجهائڻ آيو آهيان.

هٿ هي وڍيا، پير ٻہ وڍيا، سَمجهان ٿو هي سَنڌُ سَنڌُ وڍيو،
پوءِ ٻہ متقل آڏو پنهنجي ڳالهہ ٻڌائڻ آيو آهيان.

هڪڙو سُهڻو گل جگر کي ڏاڍا گهاوَ ڏئي ويو آهي،
يادن جي ڪاغذ تان اُن جو ناءُ مِٽائڻ آيو آهيان.

دل وارن جي لاءِ تہ ساري دُنيا دوزخ جهڙي آهي،
آويءَ جهڙي جڳ ۾ زاهد پاڻ پچائڻ آيو آهيان.

اکڙين مان وهايا مون- اَڄُ نير گهڻا آهن،
منهنجي دل کي ڏنا دلبر- تو جهير گهڻا آهن.

ٽُحفي ۾ ڏنئي جيڪي- سي زخم ڳڻيان ويٺو،
تو جيڪي هنيان تن ۾- سي تير گهڻا آهن.

مان قيد آهيان جنهن ۾- سو جيل ٻہ جنت آ،
زلفن جا وڪوڙيا تو- زنجير گهڻا آهن.

دڳ دڳ ۾ اٿو ڏوڪو- وک وک تي ويهي سوچيو،
راهن ۾ رُلي ويندا- راهگير گهڻا آهن.

هر جاءِ تي آجاري- جذبن جو قتل زاهد،
اِن درد ڪيا ماٺهو- دلگير گهڻا آهن.


امن جا مسافر : زاهد شيخ
www.sindhsalamat,com

پڙهه جا سوجهرا ڦٽا ناهن،
زخم سارا اڃان ڇُٽا ناهن.

پيار کان تون پري پري آهين،
ڏاڍ ايڏا يڪو سُٺا ناهن.

دل اڃان ٿر جي آ سُڪلَ ڌرتي،
مُند جا مينهڙا اٺا ناهن.

آسرا آسرن مٿان ايڏا،
هي وڇوڙا اڃان کُٽا ناهن.

ٿڪ ننڊپڻ ۾ ويا ڇڏي زاهد،
لڙڪ هن مهل تئين رُٺا ناهن.



ها مان توکي وسارڻ گهران ٿو مگر ـ ڇا ڪيان مان وساري سگهان ئي نٿو،
اوپرين اوپرين تو سواءِ زندگي ـ هيڪلي مان گذاري سگهان ئي نٿو.

سج لٿي کان وٺي تنهنجون ساروٽيون ـ صبح تائين ٿيون منهنجي صحن ۾ رهن،
تنهنجي يادن ۾ نيٽن کي لوليون ڏئي ـ رات جو مان سمهاري سگهان ئي نٿو.

جي دکان ٿو تہ دوزخ جي ڪا رات هان ـ جي ٿو سڏڪان تہ ساوڻ جي برسات هان،
روز اکڙين جا بادل ٿا پرجي اچن ـ مان تہ بوندون بيهاري سگهان ئي نٿو.

دل ۾ دردن سهڻ لاءِ دم آ اڃان ـ سور منهنجو نٿا سر جُهڪائي سگهن،
منهنجا اڙٻنگهہ آهن اڃان حوصلا ـ مان ڪڏهن هِنيانءُ هاري سگهان ئي نٿو.

پيار انسانيت جو نگهبان آ ـ پيار جو مان شاعر جو ايمان آ،
مان تہ زاهد زهر پاڻ پي ٿو سگهان ـ پيار کي وِهُہ پيئاري سگهان ئي نٿو.

ساهَہ ۾ ويتو سانديان آئون،
عشق جا تحفہ آهون دانهون.

اوجاڳڻ ۾ اوسيئڙن سان،
عاشق لهندا آهن لائون.

بي قدرن جي ريت پُراڻي
پيار جي عيوض ڪاوڙ ڪاهون.

تنهنجي يادن سان گڏ ويهي،
آرس ڀڃنديون آهن ٻانهون.

ٿڪ چڏين ٿيون لاهي زاهد،
قرب جون ٿڏڙيون چائون.



چند چانڊاڻ ۾ هلي آ تون،
مُند سرهاڻ ۾ هلي آ تون.

هيل چوليون ڀري ڪٽي آئي،
موج مهراڻ ۾ هلي آ تون.

بوندون برسي بيهي رهيون آهن،
هلڪي آلاڻ ۾ هلي آ تون.

مهڪ جي لئہ صدا هنئين مڪڙين،
رنگ لالاڻ ۾ هلي آ تون.

رَنگَ مَذهَب نَسُل بنا زاهد
آ ملئون پاڻ ۾ هلي آ تون.

مينهن آيا،
نيهن آيا.

راحتن جا،
ڏينهن آيا.

هو رنل ها،
ڪيئن آيا.!

جيئن وڇڙيا،
تيئن آيا.

ٿيو آ جادو،
ايئن آيا.

ساهه سارا،
بي سهارا.

گم ٿي ويا،
پير چارا.

وقت ڏئي ويو،
ويس ڪارا.

چند ماڻهو،
چاهه وارا.

ميت جهڙا،
گيت پيارا.


امن جا مسافر : زاهد شيخ
www.sindhsalamat,com

ٻڌئون ٿا تہ آهن مزا زندگيءَ جا،
ڏسئون ٿا ڏکن ۾ ڏچا زندگيءَ جا.

ڪڏهن مُرڪ مُنهن تي ڪڏهن لڙڪ لارون،
پُڇايون پيا ٿهڪڙا زندگيءَ جا.

نہ هڪ درد آهي نہ هڪ داستان آ.
هزارن حصن ۾ قصا زندگيءَ جا.

حياتيءَ هچاريءَ ڏنيون جيءَ جهوريون،
اُميدن ڏنا آسرا زندگيءَ جا.

ڪي، جهوري ويا ڪي جلائن ٿا زاهد،
ڏنم ڏينهن ڏاڍا ڏکيا زندگيءَ جا.

زندگيءَ جو ماتم،
دم بدم رهيو ماتم.

تون تہ موڪلائي وئين،
مان ڪيان پيو ماتم.

ڪير آ زماني ۾،
جنهن نہ آ ڪيو ماتم.

هر ڪنهين جي اندر ۾،
آهي ڪو نہ ڪو ماتم.

منهنجي دل ۾ آ زاهد،
گهر ڪري ويو ماتم.


امن جا مسافر : زاهد شيخ
www.sindhsalamat,com

وِهہ جي ساگر جهڙو جيون،
دوزخ جي ڄر جهڙو جيون.

رڻ ۾ رُلندا رهجي وياسين،
ڪوري ڪاڳر جهڙو جيون.

شال سين جو ٿي شاعر جي،
اُجري اندر جهڙو جيون.

سپنا ساوڪ جا ٿو ساندي،
بوندَ بنا ٿر جهڙو جيون،

پٿڪي پٿڪي ٻڏجي ويو آ،
زاهد پٿر جهڙو جيون.



عذاب ۾ آ زندگي- مگر نہ هانءُ هاربو
گذارڻو آ هر پهر- ڏکيو سُکيو گذاربو.

جڏهن ٻہ دل اداس ٿي- وجود بي حواس ٿي،
سُرور لئہ، سُڪون لئہ- صنم ڪي آهي ساربو.

ائين مران تہ ڇو مران- مُحبتون ڪندي مران،
پرينءَ تائين آ پهچڻو- تہ جيءَ ڪي جيئاربو.

جڏهن ٻہ آ، جتي ٻہ آ- جئين ٻہ آ، مگر تون آ،
جڏهن تڏهن جتي ڪٿي- ائين پيو پُڪاربو.

اڳيان پُٺيان اُماس آ- حراس ئي حراس آ،
اندر ۾ روز آس جو- ڏيئو زاهد ڪو ٻاربو.

دل ۾ هڪ بيوفا جو غم آهي،
غم جگر لئہ بڻيو زخم آهي.

آ مصيبت بڻيو محبت لئہ،
ڪيڏو انسان بي رحم آهي.

ٿيو اَجان انتظار آ نہ ختم،
ٿي وئي زندگي ختم آهي.

درد ڪي ڪا دوا لڳي ئي نٿي،
سنگدل جو ٿيل ستم آهي.

ساهہ سَڪرات منجهہ آ زاهد،
پوءِ بہ هر سوچ ۾ صنم آهي.

ڪيڏا مجبور ٿي پيا آهيون،
پاڻ کي پاڻ ئي نٿا چاهيون.

جاءِ دل ۾ ڪٿي ملي ئي نٿي،
پيار جو گهر اسان ڪٿي ٺاهيون.

جيڪي دلدار بڻجي آيا ها،
سي ڏئي ويا سُڪون کي باهيون.

مون وسارڻ جي ڳالهہ ڪئي هر هر،
تنهنجون يادون وري آيون.

روز ڪيئي سور ٿا ملن زاهد،
روز دردن جا ڳاهہ ٿا ڳاهيون.

مُرڪ مان لُڙڪ آ ٿي وئي زندگي،
ڇا منجهان آهي ڇا ٿي وئي زندگي.

تو پُڇين ٿو پرين حال ڪهڙا اٿئي،
زهر آتو سوا ٿي وئي زندگي.

ڪالهہ تو ساڻ ڪا جاءِ جنت هئي،
اڄ اُتي آ سَزا ٿي وئي زندگي.

هر گهڙي ڏئي وئي ايترا حادثا،
داستان درد جا ٿي وئي زندگي.

تو الائي تہ ڇو موٽ ناهي ڏني،
آ سڏيندي صدا ٿي وئي زندگي.

جيتري آهي زاهد ۽ جهڙي بہ آ،
دوستن لئہ دُعا ٿي وئي زندگي.

ڪو بہ نہ آيو ڪو بہ نہ آيو
ڏينهن تتي، ۾ ٻڻجي سايو.

بي قدري ڪي دل ڏيئي مون،
اميدن کي ڪالهہ کهايو.

رهجي ويئي ڇاتي آتي،
ڪنهن بہ نہ سيني ساڻ لڳايو.

ڪنڊن جون پائي پوشاڪون،
پيار جون راهون پوءِ پُڇايو.

پنهنجا ڳوڙها پيئندي پيئندي،
زاهد روئندن کي ريجهايو.


امن جا مسافر : زاهد شيخ
www.sindhsalamat,com

خالي جُهگيءَ ۾ زندگي گھاري نہ سگھياسين،
تون وئين ڇڏي تہ جيءُ جيئاري نہ سگھياسين.

ڪا روشني ملي نہ آ ڪوشش جي باوجود،
ٻيهر ڏيئو وجود ۾ ٻاري نہ سگھياسين.

هر لفظ تنهنجو دل مٿان آ نقش ٿي ويو،
هڪڙي بہ ڳالهہ تنهنجي وساري نہ سگھياسين.

تنهنجو حڪم هو پيار کي رکڻو هو راز ۾،
خاموش دم ڏنو سي پُڪاري نہ سگھياسين.

ڪو انتُ ئي نٿي مليو زاهد عذاب جو،
ڪشتي حيات جي اسان تاري نہ سگھياسين.



پٿر آ جگر تنهنجو- تون پيار مان ڇا ڄاڻين،
بي سمجھہ اٿئي ديدون- ديدار مان ڇا ڄاڻين.

تو عشق ڏٺو ناهي- تو قرب ڪيو ناهي،
تو ڇير ٻڌي ناهي- ڇمڪار مان ڇا ڄاڻين.

تون ساٿ بنا سکڻو- احساس بنا اڻيو،
تون پاڻ نہ آن پنهنجو- سنسار مان ڇا ڄاڻين.

تو ٿهڪ ڏنا آهن- تون ٿهڪ ٻُڌا آهن،
تون آلين اکڙين جي- اظهار مان ڇا ڄاڻين.

وِهُہ ڳالهين ۾ اوتي ٿو- آڇين زاهد کي،
تون ميٺ محبت جي- گفتار مان ڇا ڄاڻين.

مون ڏانهن ڍري۔ سا تنهنجي دل،
تو ڏانهن چري۔ سا منهنجي دل.

جتي ماڪ پئي۔ سو تنهنجو من،
جتي باهہ ٻري۔ سا منهنجي دل.

تڙپيو ناهي سو تنهنجو تن،
جا درد ڀري۔ سا منهنجي دل،

جيڪا نہ وڌي۔ سا تنهنجي وک،
جا سمنڊ تري۔ سا منهنجي دل،

نفرت جو شهر۔ سو تنهنجو اندر،
نينهن جي نگري۔ سا منهنجي دل.



دردمندن جون دانهون ياد ايندئي،
عرض ۾ التجائون ياد ايندئي.

ڪندو توسان جڏهن ڪو بيوفائي،
پوءِ منهنجون وفائون ياد ايندئي.

نيٺ جيون جي جُهور لمحن ۾،
جوانيءَ جون جفائون ياد ايندئي.

جيءُ توکي نہ ڪو جڏهن چوندو،
منهنجا سڏڙا صدائون ياد ايندئي.

توکي تنهائي جي تپائيندي،
منهنجا ٻڪڙا ۾ ٻانهون ياد ايندئي.

مون سان مليو جتي جتي تون هوندين،
اُهي رستا ۾ راهون ياد ايندئي.

تو وجائي ڇڏيو ڪٿي ڪو زاهد،
نيٺ اهڙيون خطائون ياد ايندئي.



امن جا مسافر : زاهد شيخ
www.sindhsalamat,com

ٿڏڙا ساهه پرين ٿو چا لئه،
هينئڙا ايئن ڪرين ٿو چا لئه.

پنڌ پُراڻا تنهنجا راڻا،
ويندڙ هيل ورين ٿو چا لئه.

چاهه جي آڏو راهه ڏکن جي،
ڏونگر ڏور ڏرين ٿو چا لئه.

جيون اُچلي جهوراڻن ۾،
ڳيرو جيءَ ڳرين ٿو چا لئه.

روشن آئيندي لئه زاهد،
ٻرڻي ٻار ٻرين ٿو چا لئه.



زندگي رهندي ٻه آ ويندي نه آ،
ڳالهه ڪا جيئندي ٻه آ مرندي نه آ.

ٻيا ڪٽي سڀ درد دل سهندي مگر،
سونهن سورن ۾ هُجي سَهندي نه آ.

موت مون کي تنهنجي دل مان ڪيئن ڪڍي،
دوستي اهڙي ڪچي ٿيندي نه آ.

دل ڪندي آ خواهشن جو احترام،
عشق ۾ ڪا ٻيوسي ايندي نه آ.

جنهنجا سڀ رستا وڃن هڪ پيٽ ڏي،
سوچ سا ڪوئي ثمر ڏيندي نه آ.

چند ڏينهن ۾ چڏيندي رنگ چو،
شاعري آهي سُڪي ميندي نه آ.



امن جا مسافر : زاهد شيخ
www.sindhsalamat,com

سونهن چيو سينگار نہ گهرجي،
پيار چيو واپار نہ گهرجي.

چاهت کي چيپاٽيو چو ٿا؟
نفرت جو اظهار نہ گهرجي.

دل ۾ ويهي دل کي جهوري،
دل کي سو دلدار نہ گهرجي.

اندر جنهن جو اونداهون آ،
ماڻهو سو مڪار نہ گهرجي.

جذبن کي جهيري ٿو زاهد،
سنگدل هي سنسار نہ گهرجي.



پيار کي جنهن نہ پيار سمجهيو آ،
قرب تنهن ڪاروبار سمجهو آ.

تنهنجي پاڪر کي جون جي اُس ۾،
مون تہ موسم بهار سمجهو آ.

سونهن جي ساٿ کي سدائين مون،
زندگيءَ جو قرار سمجهو آ.

تنهنجي وڇڙي وڃڻ ڪانپوءِ پرين،
موت جو انتظار سمجهو آ.

باوفا دوستن جي ڇهرن کي،
مون تہ هيرن جو هار سمجهو آ.

بيوفا ساڻ ڪيئن ملان زاهد،
دل جبل جيڏو بار سمجهو آ.

مست ملنگ مستانا ماڻهو،
دل وارا ديوانا ماڻهو.

دنيا جن کي درد ڏئي ٿي،
ڳولن ٿا مئخانا ماڻهو.

پيار بنا پيئاڪ جي آڏو،
چڙ خالي پئمانا ماڻهو.

جاتي مچ متو آ تاتي،
پهچي ويا پروانا ماڻهو.

دل جي درد بڻايا زاهد،
وک وک تي ويرانا ماڻهو.



ذهن جي سوچ لوچ ڏي ٿي چڏي،
وقت جي چال ياد کي ٿي چڏي.

ڳالهہ کا چانوَن ۾ ويهاري ٿي،
ڳالهہ کا اُس ڏي ڏکي ٿي چڏي.

ٻُک جي وک بيابانن ۾،
پيار کي پوئتي اڇي ٿي چڏي.

جي ملي ٿي تہ زندگيءَ جي خوشي،
روپ انسان جو مَٽي ٿي چڏي.

درد جي ڏار تيز آ زاهد،
لوهہ جا لڱ ڀي وڍي ٿي چڏي.



امن جا مسافر : زاهد شيخ
www.sindhsalamat,com

سپنا ڪل سويارا ٿيندا،
پنهنجا پاڳ پلارا ٿيندا.

مهل جڏهن آڻيندي مُرڪون،
سُکَ جا ساٿ سَهارا ٿيندا.

توسان روشن جڳ آ راڻا،
ويهه نه وچ انڌيارا ٿيندا.

دوست سڏائڻ وارا ماڻهو،
سچا ناهن سارا ٿيندا.

تنهنجي منهنجي پيار جا آهن،
پهر به زاهد پيارا ٿيندا.



رات ۾ روشني ملي ويندي،
آس آهي خوشي ملي ويندي.

جَن پراڻيون روايتون توڙيون،
تن کي نئين زندگي ملي ويندي.

تو نه ساٿي سڏيو ته ڇا ٿي پيو،
دوستي دلبري ملي ويندي.

پيار ڏئي درد وٺڻ وارن کي،
تُنهنجي گهرجي گهٽي ملي ويندي.

موت ڪانپوءِ مون کي گيتن ۾،
ٻي حياتي وري ملي ويندي.

ڪيئي ڪُوڙيون ڇڏيون آتم زاهِدَ
ڪا ته سُهڻي سَچي ملي ويندي.

دوستن سان ملئون،
دلبرن سان ملئون.

عشق ۾ تا اجان،
آسرن سان ملئون.

ڪي لکي موڪليو،
من خطن سان ملئون.

جي وچن پيار ڏي،
تن دڳن سان ملئون.

پير ساڙي پُڇئون،
چانورن سان ملئون.

هل ته زاهد هلي،
مئڪدن سان ملئون.

مان پيار سان پٿر کي پگهاري به سگهان ٿو،
ڪارين ڪٽر دلين کي اُجاري به سگهان ٿو.

دردن پري ملي وئي ته افسوس ڇو ڪيان،
هن زندگيءَ کي مان ته سَنواري به سگهان ٿو.

جي پاڻ کي حَسين بڻايم ته ڇا ٿيو،
گهر گهر ۾ لاٽ سونهن جي ٻاري به سگهان ٿو.

اُلريا ته اُف نه ڪيم وري مارن ته ماٺ ڪيان،
اهڙين شرافتن کي ڌڪاري به سگهان ٿو.

آ ڏات ڏانءُ زاهد سانگين کي سڏڻ لئه،
چُپ چاپ ڇو رهان جي پُڪاري به سگهان ٿو.

جنهن جو ڪنڍن تي آشيانو آ،
تنهن سُڄاتو سَچو زمانو آ.

مون سَدائين چيو ملڻ گهرجي،
تو سدائين ڪيو بهانو آ.

جيڪو تنها ٿو پاڻ کي سمجهي،
سو يا داناءُ يا ديوانو آ.

مئه ملي ٿي اُتي مُهبتَ جي،
جاتي مَستن جو آستانو آ.

جِسمَ سڀ جيل ساهه لئه زاهد،
هر بدن خاص قيد خانو آ.

جڏهن من جي ٿر تي وسي بوند ڪائي،
اُڃايل چپن تي مٺي مُرڪ آئي.

سَجايون گهڙيون جڪي توساڻ گذريون،
جا توکان جُدا وئي عمر هئي اجائي.

اُتي گل گلابن جي سُرهاڻ ٿي وئي،
جتي ماڪ مُڪڙين سان چاتي ملائي.

روئي چاندنيءَ لئه جَهلي جهول راتين،
چڙهي چنڊ پنهنجي جواني جلائي.

پرهه پيار پنهنجو کٽي ايندي زاهد،
اجائي نه آ ننڊ نيڻن وڃائي.

سُهڻا تہ ماڻهو سارا،
ڪي چنڊ ڪي ستارا.

هر ڪنهنجا پنهنجا آهن،
انداز ئي نيارا.

اکڙين جو نور آهن،
مون لئہ حسين نظارا.

هر جيءُ ٿا جيئارن،
ڪنهن سونهن جا سهارا.

ايندئن تہ زاهِدَ ڪان اڳ،
چُمندئي هي پير چارا.



جڏهن بہ ايندئن خُمار ايندو،
سُڪون ايندو، قرار ايندو.

سَچين دلين جي ملي پوڻ سان،
آ چاهتن ۾ اپُار ايندو.

تون مُرڪندي آن تہ مون ڪي توتي،
پهاڙ جيڏو آ پيار ايندو.

ڏُکيءَ گهڙيءَ ۾ پُڪاري ڏسجانءِ،
هي بندو آ جان نثار ايندو.

ڪويءَ جي تخليق ۾ بہ زاهد،
ڪڏهن ڪڏهن آ نڪار ايندو.

وقت آيو تہ ملي پونداسين،
تو جي چاهيو تہ ملي پونداسين.

چاهتُن ۾ خلوص جي سوچن،
مُسڪرايو تہ ملي پونداسين.

پيار سان پيار ڪي اوهان دل ۾،
جي گهرايو تہ ملي پونداسين.

مُشڪلاتن جڏهن مُحبت ڪي،
آزمايو تہ ملي پونداسين.

پربتن کي پري ڪري زاهد،
راهہ ٺاهيو تہ ملي پونداسين.

مٺي ڪير جهڙو هُيو پيار تنهنجو،
ٿڏيءَ هير جهڙو هُيو پيار تنهنجو.

ڏٺا منهنجي نيڻن ها جنت جا سپنا،
۽ تعبير جهڙو هُيو پيار تنهنجو.

جڏهن وچ ۾ آيون وڇوڙي جون راتيون،
تڏهن تير جهڙو هُيو پيار تنهنجو.

ڪڏهن تنهنجي مُرڪن ٿي مَرهم لڳائي،
ڪڏهن جهير جهڙو هُيو پيار تنهنجو.

ويو ڪالهہ زاهد جي دل کي وڪوڙي،
ڪنهن زنجير جهڙو هيُيو پيار تنهنجو.

جتي هجو سُکيا هجو، اسان جي آ دعا اها،
ڪڏهن ڪڏهن ملي وڃو، آ درد جي دوا اها.

درن جي اوٽ مان ڪڏهن، درين جي ڳلڪڙن منجهان،
ڏسو ٻـه ٽـا لـڪـو ٻـه ٽـا، عـجـيـب آ ادا اهـا.

اچو تہ شوق سان اچو، ملو تہ قرب سان ملو،
ڪلو تہ روح سان ڪلو، ڪيو خوشي عطا اها.

اسان ڪان چاهتون وٺو، اسان کي چاهتون ڏيو،
وري وري اندر منجهان، اچي پئي صدا اها.

رڳو پئي ڏسڻ گهريم، اچڻ وڃڻ چڏيو نہ ها،
ڏسڻ تہ ڏوهہ ڪو نہ هو ڏيو نہ ها سزا اها.

اوهان جو ساٿ ٿو کپي ۽ ڏينهن رات ٿو کپي
زاهد جي ساهہ جي رهي سدائين آ صدا اِها

سونهن جو روح ريجهائبو
پيار کي نيٺ پرچائبو.

وئي آ ٻاتين تي ٻندش لڳي،
اڄ اشارن ۾ ڳالهائبو.

زندگيءَ ۾ ئي منهنجا پرين،
پاڻ تو تائين پهچائبو.

گهر دُنيا ۾ تہ پنهنجو نہ آ،
تنهنجي دل ۾ اچي ٺاهبو.

درد زاهد اندر جا لڪي،
ذهن تان بار کي لاهبو.

اسان جي سڌ ۾ آ سڪ سهڻا، وڻئي تہ وهہ واڪندو هليو آ.

هي دل لڳي آ، لڪي نہ سگهندي۔ وٽن ۾ واڪا ڪندو هليو آ.

جهلي نہ سگهبي ڪڏهن جواني۔ بڻاءِ آزاد زندگاني،
لڳا ٽي جوين تي جيل جيڪي۔ سي ڪوٽ ڪاٽا ڪندو هليو آ.

رُسي ويو ڌرتيءَ ڪان ڀاڳ آهي۔ انڌير سارو سماج آهي،
سچن کي سيني سان لاءِ سائين۔ ٽڳن کي ٽاٽا ڪندو هليو آ.

ٻُرو مري پل بچڻ نہ گهرجي۔ عذاب اڳتي اچڻ نہ گهرجي،
دلين جي دشمن مٿان دڳن ۾۔ وڏا ڌماڪا ڪندو هليو آ.

جي روح لئہ ٿو گهرين بهاري۔ تہ پيار کي ڏي ڄمار ساري،
پرين اسان ڏي اچين تہ پنهنجا۔ پڪا ارادا ڪندو هليو آ.

بهار چاهي ٿو باغ هرڪو۔ اندر جو روشن چراغ ڪر ڪو،
محبتن سان پريت جا وڻ۔ سُڪا بہ ساوا ڪندو هليو آ.

جڏهن تنهنجي مک تي مرڪ ايندي۔ تڏهن اسان جي بہ عيد ٿيندي،
جي دل ۾ جذبو ٿي دوستيءَ جو، تہ دل سان دعويٰ ڪندو هليو آ.

حُسن آ زندهہ ضمير زاهد، عشق بہ آهي امير زاهد،
سَڏئي ٿي سوري چويس پهتو اچان تو ها ها ڪندو هليو آ.

پير ڪجي چير وڃي، مور نچي ٿو،
ٻوند وسي ٿي ٿر تي رنگ رچي ٿو.

وير وڏي، هير ٿڏي، سمنڊ ڪناري،
مند مٿان جوين سان، ميلو مچي ٿو.

منڇر تي، ڪينجهر تي، هر تڙ تي تون،
پاڻ پرين جي ٿو اچين پيار اچي ٿو.

ڪوڙ ڪجي، مُرڪ ڪٽي، جيءَ ملي پيا،
ٻهڪ ٻڌي ٻيرين ۾ ٻور پچي ٿو.

مُنهنجي سَڏن کي تہ زاهد مُنهنجي پرينءَ ڪان
جيءُ ملي ٿي تہ جڏو جيءُ بچي ٿو.

منهنجون سموريون دانهون،
هر ساهه جون صدائون.

هر سونهن کي پسڻ لئه،
نڪري پيون نگاهون.

پهڻن جي پيچرن کان،
تنهنجون ڪيم پڇائون.

هيڪر هَٿيون ته سنبريون،
ٻيهر ٻه پنهنجون ٻانهون.

هر درد جي چپن تي،
آهُن ۾ التجائون.

سڀ ڪجهه اتان سکيو سين،
جاتي هيون جفائون.

آٿت ڏني مون زاهد،
روئي پيون جي راهون.



سوچبو ته سونهن لاءِ سوچبو
روڪبو ته رهزنن کي روڪبو.

ڪا ته ڳالهه آهي جو وچئون پيا،
موٽبو ته مُرڪندي ئي موٽبو.

دير سان مليو صنم ته خير آ،
دل لڳي وئي آهي ته لوچبو.

مئڪدي جا خالي جام ٿا چون،
اڄ پريندءَ جي اکين مان اوتبو.

جنهن سان واسجي زاهد وطن وچي
پيار جو اُهو گلاب پوکبو.

صديُن ڪان نہ آيا اسان ڏي اُجالا
اجان نيڻ پنهنجا عذابن ۾ الا.

آ ڪيڏو پيانڪ نصيبن جو منظر،
هٿين هٿ ڪڙيون ۽ زبانن تي تالا.

چُمي پيئنداسين پرين پيار خاطر،
مليا جي اسان کي زهر جا پيالا.

وفائن جي عظمت وفادار ماڻهو،
جفائن جي شهرت غدارن جا نالا.

پُڪاري ٿي خوابن جي تعبير زاهد،
مِلڻ لاءِ ڪرڻا ئي پوندا ڪشالا.



هر دور ۾ اسان تي ڏاڍن جو ڏاڍ ٿيو
کهڙو ڪيوسين ڏوهہ ڪنهين کو نہ آ ڏسيو.

سُڏڪي پئي صدين ڪان سورن ۾ سِنڌُ آ،
آهيو ڪٿي دنيا جا انسان دوستو.

سنگدل چپن تي مُرڪ هئي گندگيءَ مثل،
مقتول گهڻي دير تائين تڙپندو رهيو.

هُن جي چپن تي فخر جون مرڪون امرهيون،
مقتل ۾ زندگيءَ جو پيغام ڏئي ويو.

ڪي پل گلاب ڏئي ويا ڪي پل عذاب ها،
ماضيءَ جو ڊائريءَ ۾ هر عڪس آ پيو.

منهنجو قلم ٿو روز حقيقت کي ڏي چُميون،
هر گيت ۾ آ ديس جي نئين درد جو قصو.

هٿ قاتل ڪٿي سگهيا ناهيون،
ڏينهن پنهنجا مٿي سگهيا ناهيون.

جيڪا پاپين جا پير جڪڙي ها،
ڪوڙڪي سا اڏي سگهيا ناهيون.

غير جي نسل ڪي مٽائي جا،
هام اهڙي پري سگهيا ناهيون.

صبح پنهنجو اچي ته ڪيئن اچي،
ننڊ پنهنجي ڇڏي سگهيا ناهيون.

ڪنڌ ڪهڙو ڪٽي گُهمئون زاهد،
سنڌ لئه ڪجهه ڪري سگهيا ناهيون.

پکن پرين جي هلي ٿي پچار ڪجهه ته ڪبو
حساب تو ڏي رهن ٿا هزار ڪجهه ته ڪبو.

اسان جي ڳوٺ جي ٻُڍڙن ٻه ڪئي آ ٻانهن مٿي،
چون اسان جا ٿا معصوم ٻار ڪجهه ته ڪبو.

اسان جو ذهن ۽ هٿ پير ننڊ ڪندا ناهن،
قدم قدم تي پيو بار بار ڪجهه ته ڪبو.

مرڻ ڪانپوءِ جون ڳالهيون ته پوءِ ئي ٿينديون،
حيات جا ٿا ٻڌئون ڏينهن چار ڪجهه ته ڪبو.

ملي نه ديس ۾ پنهنجي اٿو لٿو ۽ اجهو،
ڪچڙ جي ڏوهه ۾ سڏجئون ڪفار ڪجهه ته ڪبو.

ٻکن ۾ آهي نه ايٿوپيا رڳو زاهد،
ڏسئون ٿا ڏيهه ۾ پنهنجي ڏڪار ڪجهه ته ڪبو.

رات ڪين رهڻي آ، موٽڻا سويراهن،
سوجهرو اجاريندو هي پهر جي ميراهن.

ڪير آ ڳڻي جيڪو سور ساري جيون جا،
گام گام دردن جا ڪيترائي ديراهن.

آس ٿو رکين ڪهڙي، بي رحم زماني کان،
حق حساب چا ملندو غاصبن جا گهيراهن.

منهنجو مون کي ملڻو آ، غير غار ٿي ويندا،
ڪيترو هٿائيندئو، سئو هزار پيرا هن.

سج خون پنهنجي مان نيث اڀرندو زاهد
عشق جي اڏيءَ ٿيڻا جسم ٻيرا ٻيرا هن



منهنجي ماتا مٽي سرَ ساهَہ کان پياري ڏرتي،
جند تون جان بہ تون جيءَ جيئاري ڏرتي.

ساهہ وارن لئہ وڏو ساهَہ سهارو آهي،
ڇڻ سڳيءَ ماءُ جي هيءَ جهول آ ساري ڏرتي.

هي تہ انسان سڄو ڏيهہ ڇڏيندا ساڙي،
هو بہ انسان ها جن هيءَ سنواري ڏرتي.

جسم جيڪي ٿا جلن لاش اسان جا آهن،
ظالمن ظلم جي هٿ باهہ آ ٻاري ڏرتي.

روز لڙڪن تي لکيم آرزو مرڪن جي رکيم،
تنهنجي زاهد ائين آ عمر گذاري ڏرتي.

هوءَ نيت تہ اڇٽي آ، رتُ چاڻ جي هولين ۾،
ڪا موج تہ مچٽي آ۔ مهراڻ جي ڇولين ۾.

هر قوم زماني جي۔ سچ ڪي آ سڃاڻي وئي،
مظلوم اٿيا مچري۔ ٻاڪار آ ٻولين ۾.

اڄ يار ٿا ٻنڌڻن ۾۔ امڙين ڪان پُڇن روئي،
ملندي تہ ڪڏهن ملندي۔ سمجهايو تہ لولين ۾.

آواز اسان جي ڪي۔ ديوار ڇا روڪندي،
جي جسم رهيا پنهنجا۔ قيدي بند ڪولين ۾.

ڪو ساز نٿو گهرجي۔ گيتن ڪي سندم زاهد،
تو لاءِ مان ڳائيندس۔ طوفان سان گولين ۾.

زندگي بڻجي وئي غم جي علامت آهي،
هر قدم تي ڪا نئين روز قيامت آ.

باهہ نفرت جي وڪوڙيو آ سڄي ڌرتيءَ ڪي،
روح ڪنهن جي ڪي بہ دنيا ۾ نہ راحت آهي.

چين توکي بہ نہ آ، مان بہ پيو ٿو تڙپان،
جيڪا تڙپائي پئي سائي تہ چاهت آهي.

هڪ اِشاري سان پهاڙن ڪي جُهڪائيندو آ،
هوندي جنهن پيار ۾ دل واري صداقت آهي.

منهنجي اندر جي سَچائيءَ ڪي نہ انصاف ڏنئي،
اي زمانا منهنجي توساڻ بغاوت آهي.

درد دل جو اُهو انسان ٿو ڄاڻي زاهد،
جنهن ڪان وڇڙي وئي راهن ۾ محبت آهي.

توسان گهاريل شام او سائين،
ڪيڏو هو آرام او سائين.

تنهنجي پاڇي ريءَ رهي آئي،
مون لئہ ننڊ حرام او سائين.

تنهنجو هر پيغام ٿو سمجهان،
پنهنجي لئہ الهام او سائين.

پيار جي هڪڙي پياري پل جو،
دوست نہ آ ڪو دام او سائين.

تنهنجي ساٿ بنا هي زاهد،
ڪيڏو آ گُمنام او سائين.



هي جيڪو پل آهي جاني،
سو منهنجو پل آهي جاني.

سو پل سوئي ماڻي ويندو،
جو جنهن جو پل آهي جاني.

آ تہ ملي پرپور گذاريون،
جو پنهنجو پل آهي جاني.

ڪير ٿو ڄاڻي هن پل ڪانپوءِ،
ٻيو ڪنهنجو پل آهي جاني.

پيار بنا جيون لئہ زاهد،
هر اهنجو پل آهي جاني.

اَڄُ تہ هر جيءَ ۾ جذبن کي جيئاريون گڏجي،
هر شهر ڳوٺ مان نفرت کي ڏڪاريون گڏجي.

روز لُڙڪن سان پريون لوڪ جون اکڙيون ٿيون چون،
مُرڪ هر من کي ڏيون لُڙڪ ٻُهاريون گڏجي.

ڪنهن اڪيلي، نہ سنواريو آ سماجن کي ڪڏهن،
جي سنوارڻ ٿا گُهرئون جڳ تہ سنواريون گڏجي.

ساڻ ڪٽجو نہ ڪڏهن ڪو بہ مُنافق ماڻهو،
دل جي ڪارن جي پُٺيان ٻاهہ ڪا ٻاريون گڏجي.

جيڪو گڏجڻ نٿو ڏي، پاڻ کي هر وِڪَ زاهدَ،
اهڙي مردود کي هر حال ۾ ماريون گڏجي.

روئين پئي چو بانسُري،
هر دانهن ٿئي دردن ڀَري.

تُنهنجي روئڻ سان راڄ ۾،
جيئڙا پيا آهن جُهري.

تُنهنجو تہ هر آلاپ آ،
چاتين مٿان وهندڙ ڇُري.

گهاوَن مَٿان تہ نہ گهاوَ ڏي،
گهايل دِلين جي گهڻ گهُري.

پيلا گهڙا سُهڻين سندا،
زاهدَ وري پوندا پُري.

ڏاڍا پيارا پيارا ماڻهو،
وقت ڪيا ويچارا ماڻهو.

ٻيائيءَ وچ ۾ ٻَنا ٿاهيا،
ٿي ويا ٻارا ٻارا ماڻهو.

ساڻُ نہ هلندئي ساٿُ نہ ڏيندئي،
اُڇلي، ڇڏ اُڏارا ماڻهو.

آزاديءَ جي اُڃَ گُهري ٿي،
سوچُن مَنجهہ سگهارا ماڻهو.

چانڊوڪين لئہ چنڊ ڪپن ٿا،
تہ وٽ سپ ستارا ماڻهو.

ٻاهر صاف اندر ۾ زاهد،
ڪيڏا آهن ڪارا ماڻهو.



جنهن جو اُجرو اَندرُ نہ هوندو آ،
تنهن جو ڪنهن دل ۾ گهُر نہ هوندو آ.

ٻن جي وچ ۾ جڏهن آ ٽيون ايندو،
پوءِ سُهڻو سفر نہ هوندو آ.

درد دل جو پُڇي ڏسو اُن ڪان،
جنهنجو ڪو همسفر نہ هوندو آ.

مُنهنجي هر درد کي دوا خاطر،
تو سوا ڪو ٻہ دَرُ نہ هوندو آ.

سو ٿو ڇيپياٿجي ويجي جيڪو،
وقت ڪان باخبر نہ هوندو آ.

بااثر سوئي ٿو ٿئي جڳ ۾،
جنهن تي ڪنهنجو اثر نہ هوندو آ.

جنهنجو ڪمزور ذهن آ زاهد،
عشق اُن جو امر نہ هوندو آ.

پرپور جواني آ،
هَر رات سُهاني آ.

سوچيءُ آ جنت ۾،
جنهن جيءَ ۾ جاني آ.

مون لاءِ اَمرجيون،
تو لاءِ ته فاني آ.

آ ساهه منهنجو صوفي،
راحت ٻه روحاني آ.

لفظن ۾ غزل زاهد،
جذبن جي رواني آ.



ڪو ڊاڪو ٿو هونئن لُٽي، ڪو هيئن لُٽي بيٺو،
جنهن کي سمجهه ۾ جيئن اچي ٿو تيئن لُٽي بيٺو.

هڪڙو نسل يزيدي آ ٻيو نسل هلاڪوءَ جو
هڪ ٿو راتيون رَتُ ڪري ٻيو ڏينهن لُٽي بيٺو.

جي ٿا مون کان ڳالهه پُڇو ڪنهن رَتُ جي رشتي جي،
جيئن ڪي، غير لُٽيندا آهن ائين لُٽي، بيٺو.

هر ڦرٽي ڪُرسيءَ تي هِڪڙو وحشي ويٺو آ،
روز ڏِسئون ٿا هر ڪامورو ڪيئن لُٽي بيٺو.

ائين ته ڪو ڌاڙيل به زاهدَ ڪو نه لُٽيندو آ،
پنهنجي قوم کي مُلڪ جو حاڪم جيئن لُٽي بيٺو.

وڏيرا وري سڀ ونڻ ووٽ ايندا،
ونــي ووٽَ ويندا وطن کي لُٽيندا.

مُهانڊا مٿائي نوان ڪوڙ ٺاهي،
غريبن کي غُنڊا ڏٽا ڪوڙ ڏيندا.

اسان ٻاهه ٻاري آ اُن ٻاهه ڪانپوءِ،
گهڻا خوار ٿي ويا گهڻا خوار ٿيندا.

اسان جي هٿن ۾ ڏسي لال جهنڊا،
پڇر پوءِ پاپي اسان جي ڇڏيندا.

ٻيهي جبر آڏو مُنهنجا گيت زاهدَ،
سَڄيءَ سنڌ کي پيا صدين تيئن سَڏيندا.

دُشمن ٻـ هتي ديس جو دلبر ٿو سڏائي،
قاتل ٻـ هتي قوم جو رهبر ٿو سڏائي.

پنهنجي هي قوم ڪيڏي اڃان ٻي شعور آ،
لوگهو ٻـ هتي لوڪ جو ليڊر ٿو سڏائي.

ڏسڻي ٿي پوي ڪيڏي جهالت جي انتها،
ٻيڪار ٻـ هت پاڻ کي ٻهتر ٿو سڏائي.

مقتل مان گُذر آهي تہ مُرڪن سان ڪنداسين،
مقتل جي پريان تنهنجو پرين در ٿو سڏائي.

زاهد مون ڪيو عشق پنهنجي قوم سان جيڪو
اُن عشق ۾ عاشق منهنجو اندر ٿو سڏائي.

نہ ڪر تلوار جي ڳولها نہ ڪر ڪنهن تير جي ڳولها،
پرين ڏي، سوچ پنهنجيءَ کي اَمنُ جي هير جي ڳولها.

عقيدن جي انڌيرن ۾ متان وڃڙي وڃين مِنڙا،
وينو تئي من اندر مُرشد نہ ڪر ڪنهن پير جي ڳولها.

ڪُلي اکڙيون صبح جو روز اهڙا خواب ارپين ٿيون،
نہ وِسرن ٿا نہ وِڪرن ٿا اٿن تعبير جي ڳولها.

هُجي اهڙو تئي جيڪو محافظ ديس ڌرتيءَ جو،
ڪري ٿي سنڌ جي هر پيڙ اهڙي ويرجي ڳولها.

جنهن ۾ جڪڙي زماني جا سيئي ظالم ڪجن قابو،
کيان ٿو مان پيو زاهد اهڙي زنجير جي ڳولها.

هٿن ۾ پيار سان محبوب جو تحفو رکجو،
دلين ۾ عشق سان گڏ سنڌ جو نقشو رکجو.

جي پنهنجي روح کي راحت ۾ رکڻ چاهيو ٿا،
تہ پنهنجي ذهن ۾ ضمير کي پنهنجو رکجو.

جُدا ٿيو ٿا مگر ڪنهن بہ موڙ تي ڪنهن پل،
نهڻ گهُرئون تہ ڪوئي ناهہ جو رستو رکجو.

اسانجي لاءِ پنهنجي قيمتي حياتيءَ مان،
ڪڏهن ڪڏهن تہ ملڻ لاءِ ڏينهن ڪو رکجو.

ڪئي وئي آ غريبن لئہ مهانگي ماني،
ڪفن جو آگهہ خُدا واسطي سستو رکجو.

سچن جو سَچُ جهڪائيندو جبر کي زاهدَ،
سدائين چاهہ پنهنجي، ساهہ ۾ سَچو رکجو.

جذبن ۾ جوش عشق جا شامل نٿا ٿين،
ان لاءِ حق پاڻ کي حاصل نٿا ٿين.

برباد ٿي وڃن ٿا اُهي ديس دوستو،
مُنصف جتي عوام جا عادل نٿا ٿين.

سمجهي وڃن ٿا جيڪي صوفين جو فلسفو،
مقتول ٿي وڃن ٿا قاتل نٿا ٿين.

منصور جي مِٽيءَ مان جيڪي جُڙي وَيا،
ڪُسجڻ کانپوءِ جسم سي بِسمل نٿا ٿين.

زاهدَ مُنهنجي وُطن جا جذباتي جو انڙا،
بالغ ته ٿي وڃن ٿا عاقل نٿا ٿين.

به قافيو غزل “نئون تجربو



جڏهن اندر ۾ ڪي سُهڻا سوال اُپرن ٿا،
تڏهن ڪي ذهن مان خاصا خيال نڪرن ٿا.

اُتي دلين ۾ ٿيون چاهت جون روشنيون چمڪن،
جتي اکين ۾ حُسن جا جمال جرڪن ٿا.

فڪر ۽ فن سان ڀرپور شاعري ٿا ٻُڌئون،
مُشاعرن ۾ ڪوين جا ڪمال ڏسجن ٿا.

لڪائي، نوٽ گهرن ۾ رکن ٿا ڪامورا،
لڳن ٿا ڇاپا ته رشوت جا مال وڪرن ٿا.

سَوَڙ به ڪونهي سياري جي مُند آئي آ،
ڏکن ٿا لِڱ غريبن جا حال تڙپن ٿا.

صدين کان سنڌ جي ماڻهن جا هر قدم زاهد،
ڏکن جي ڏيهه ۾ سورن جا سال گُذرن ٿا.

## ٻہ قافيو غزل

### نئون تجربو

پڪو آ پنهنجو پيار تو ٻہ چيو مون ٻہ چيو
ڪنداسين اعتبار تو ٻہ ڪيو مون ٻہ ڪيو.

چڱا ٻہ آهيون ۽ غلطيون ٻہ ٻنهي ۾ آهن،
ڪئي آ بار بار تو ٻہ ٿهيو مون ٻہ ٿهيو.

مان تنهنجي من جو مُحافظ تون مُنهنجي دل جو ڏٽي،
اِهوئي اختيار تو ٻہ رهيو مون ٻہ رهيو.

وفا ڪئي سين تہ هر دوست هٿان گُلڙن جون،
ڳچيءَ ۾ هڪڙو هار تو ٻہ پيو مون ٻہ پيو.

ڏکن جي ڏيهہ ۾ زاهد دلين ڪي ڳٽتين جو
ملي ويو جو ڳارتو ٻہ سَهيو مون سَهيو.

هوڏ هستي ٻہ آ موج مستي ٻہ آ۔ سونهن جي ساٿ ۾ جام آهي جتي،
جيءَ جُڙن ٿا اُتي گُل ٽِڙن ٿا اُتي۔ سِرَ جو سودو سرِعام آهي جتي.

جن رُخن تي رُڳيون ٿيون رهن بي رُخيون۔ تن رُخن ساڻ چو پنهنجو ناتو رکون،
سورَ ڏين ٿيون اُتي سنگ جهڙيون دليون۔ سخت سوچُن ۾ سنگرام آهي جتي.

ڏينهن ۽ رات جا رنگ آهن سوين۔ وقت جا ورَ وَڪڙ ونگ آهن سوين،
روح پنهنجي ڪي سُک لاءِ سا جاءِ ڏيو روح جي لاءِ آرام آهي جتي.

عشق ڪي عشق ڏيو سونهن سان سونهن ٿيو پيار ڪي پيارُ ڏيو غير سان غير ٿيو
پريت جي ريت جي جيت آهي اُتي۔ هر منافق ٿيو ناڪام آهي جتي.

ماڳَ سوچون مٿيون ريتون رسمون ٽُٽيون۔ سِجُ اُڀري پيو ڪاريون راتيون ڪُٽيون،
پنهنجا پيارا ڪٺي نينهن نعرا ڪٺي۔ پهتو زاهد جو پيغام آهي جتي.

پُڇي ٿي مون کان سفر ۾ حسين هر وادي،
ڇو هيل ساڻ توسان ناهي تنهنجي شهزادي.

قدم قدم تي حُسن قيدي آهي رَسمُن جو،
اکين کي عشق ڪرڻ جي بہ ناهي آزادي.

مِلي، ٿي جيڪا! چوي ٿي غلام ٿي رهندين،
جي منهنجو پيارُ تو گهُرجئي تہ شرط ٿئي شادي.

دلين ۾ صاف سچو احترام رکڻو آ،
سواءِ پيار جي شادي بہ آهي بربادي.

ڳڻيئون ٿا هتي انسان ڪيترا آهن،
وڌائيندا ٿا وڃئو روز پنهنجي آبادي.

نہ جنهن بہ وقت جي مزاج کان شعور وتو،
ستم سهڻ جي اُها قوم تي وئي عادي.

سَببَ سُکون جا زاهدَ فقط ہہ تو سمجهان،
رکيم خلوص کي بهتر ۽ طبيعت سادي.



عجيب نيڻ نماڻا هُيا نٿا وسرن،
رهيا ڪي روح جا راڻا هُيا نٿا وسرن.

اسانجي پيار ۾ مِٺاسُ هيو ماکيءَ جو،
مکڻ جا هو بہ تہ چاڻا هُيا نٿا وسرن.

پکيئڙا نيٺ تہ ورندا وري واهيرن ڏي،
کٽي اُميد اُڏاڻا هُيا نٿا وسرن.

رُنا رُڳو هُيا پنهنجن جي بيوفائيءَ تي،
وڃڻ جي وقت ويڳاڻا هُيا نٿا وسرن.

پُڪاري، اَڄُ بہ اُنهن کي ٿي سنڌ جي ڌرتي،
درن تان جيڪي، ڌڪاڻا هُيا نٿا وسرن.

صدين کان پنهنجا ها زاهد صدين کان پنهنجن سان،
محبتون هُيون ماڻا هُيا نٿا وسرن.

تنهنجين يادگيرين ۾ گُم ٿي وَياسين،
وري رات ڏاڍو گهڻو پي وياسين.

پرين جام پنهنجن هٿن سان پيئاري،
ويهاري، هليو وئين تہ ويهجي وياسين.

رکي توسان منڙي محبت جو ناتو،
وڏن امتحانن ۾ پئجي وياسين.

اسانجي جسم جا ٻَيا ڪنهن نہ ڳولهيا،
وچوڙي، جي واٽن ۾ وڃجي وياسين.

زماني کي سمجهڻ ڪانپوءِ يار زاهد،
زماني کي ڏسندا ئي رهجي وياسين.

هر ٻُرو ٿو ڪري ٻُريون ڳالهيون،
هر ڀلو ٿو ڪري ڀَليون ڳالهيون.

ڪوڙجن روح ۾ رکيو ناهي،
سي سدائين ڪندا سَچيون ڳالهيون.

عُمر سان گڏ معيار متجن ٿا،
وقت سمجهائي ٿو وڏيون ڳالهيون.

تون مُلاقات مختصر نہ ڪجانءِ،
توسان ڪرڻيون آهن گهڻيون ڳالهيون.

تنهنجي محفل وري وري گُهرجي،
تنهنجون آهن وڻي ويون ڳالهيون.

پنهنجو اَندَرُ بہ ائين اڇو رکجانءِ،
صاف جهڙيون اڄئي ڪيون ڳالهيون.

نانءُ تن جو صدين تائين رهندو،
جن جون زندهہ رهي سگهيون ڳالهيون.

اُن ڪان رهجو پري، پري، جڳ ۾،
جيڪو آهي ڪندو چڙهيون ڳالهيون.

رَتُ جي رشتن کان وڇوڙن واريون،
ياد هر حال ۾ رهيون ڳالهيون.

توکي پنهنجو ڪرڻ جي لئہ منهنجون،
تنهنجي درتي رُنيون رڙيون ڳالهيون.

جيڪي محسوس مون ڪيون من ۾،
شاعريءَ ۾ ڇئي ڇڏيون ڳالهيون.

ڇو زماني جون ٿي ڪرين اي دل،
ڪرکي پنهنجون نيون نيون ڳالهيون.

سَچَ جي مَچَ مان پَچائي لِڪُ،
پَل دُنيا کي لڳن ڪڙيون ڳالهيون.

قوم سان قرب جون ڪندو رهندس،
جيتريون مون کان ٿي سگهيون ڳالهيون.

موتَ تون ماتِ ڪيئن ڪرائيندين،
مُنهنجون گيتن ۾ گونجنديون ڳالهيون.

جيسين سِرَ منجهہ ساهُہ آ زاهد،
سنڌ جي درد جون ڪبيون ڳالهيون.



مزي ۾ روح آ هر سوچ باضميري آ،
مزاج مست ملنگ دل رهي فقيري آ.

جنم جنم کان سچائيءَ جي ڏوهہ ۾ جابر،
جَبُرَ سان جسم کي جڪڙيو آ جان جهيري آ.

روءِ زمين تي هر قوم جي هر باغيءَ کي،
سدائين ملندي رهي عشق ۾ اَسيري آ.

قدم قدم تي زماني ۾ ذهن وڪجن ٿا،
جُهڪي سگهي نہ شجاعت ڪڏهن شبيري آ.

چُمئون ٿا سَچَ سدا پير پيار سان زاهد،
وڏيڪ اِن کان ڀلا کهڙي ٻي اميري آ.



**زاهد** شيخ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ اهڙو سهڻو ۽ سريلو شاعر آهي جنهن سنڌي شاعريءَ جي ميدان ۾ تيزيءَ سان مڃتا ماڻي آهي.

سالن کان مختلف فنڪارن جي آوازن ۾ سندس خوبصورت گيت سِنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونجندا رهيا آهن. اُستاد ٻخاريءَ کان پوءِ زاهد شيخ سنڌ جو اڪيلو قومي عوامي انقلابي ۽ رومانوي شاعر آهي جنهن جي شاعري هڪ طرف سنڌ جي هزارين باغي نوجوانن جي دلين ۾ ڌڙڪندي رهي ٿي ته ٻئي طرف لکين پيار ڪرڻ وارن سچن عاشقن جا من ٻهه موهيندي رهي آهي. سادن لفظن ۾ وڏا خيال سمائڻ جو اهڙو ته ڏانءُ اٿس جو سندس شاعريءَ کي پڙهندڙ توڙي ٻُڌندڙ بنا ڪنهن دير جي سمجهي وڃي ٿو ۽ دل سان داد ڏئي ٿو اِهائي هڪ عوامي شاعر جي خوبي آهي زاهد شيخ پنهنجن انقلابي گيتن ذريعي سنڌي قوم کي جيڪو سياسي سماجي شعور ڏنو آهي اُن شعور سنڌ جي نوجوانن کي جيئڻ ۽ جيئارڻ جا نوان گس ڏنا آهن جن تي هلندي اسان مايوسين کي موت ڏئي اُميدن جون روشنيون ساڻ کڻي هڪ ڏينهن پنهنجي منزل ضرور ماڻينداسين.

منصور قادر جوڻيجو

حيدرآباد سنڌ.





سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۾ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش آهي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي. ۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book